








جا جوت ملي آ جيءَ اندر،
ڪائي ته شمع سا ٻاريندي،
اڄ رات اَڪَنِ جي پنڙن تي ،
ڪا چانڊوڪي سا هاريندي،

جئين رڻ تي هرڻيون ڊوڙن ٿيون،
ائين شعر ڊُڪن ٿا مون من ۾،
انڌياري ۾ ئي وڃڻو آ،
پر آگ لڳائي ڪا ٻن ۾،

جي ٻُورَ نمن ۾ ٻهڪي پيا،
تنهن مُند وري پو ڳائبو،
آ سنڌ اسانجي جند پرين،
ها سنڌ وري پو ڳائبو،
اي جند وري پو ڳائبو

# ڪينرو ڪيسين وڇايان

(شاعري)

## مشتاق سعيد

ACTION FOR CHANGE

2012ع

٭

## سنڌ سلامت
## ڪتاب گھر



ڪينرو ڪيسين وڇايان - مشتاق سعيد

سنڌ جا سچڻو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **اٺاويهون** ڪتاب **ڪينرو ڪيسين وڇايان** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي شاعريءَ جو ڪتاب سنڌ جي خوبصورت شاعر **مشتاق سعيد** جي نظمن، وائين ۽ بيتن تي مشتمل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون سجاول جي سهڻي دوست **سارنگ حبيب چانڊيو** صاحب جا جنهن نہ فقط هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني پر ان سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني. هي ڪتاب **ساحل پرنٽرس حيدرآباد** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

جيجل سنڌ جي مهان ڪوي،
شيخ اياز جي نانءُ......!
جنهن جا گيت،
صدين جو ورلا پ
۽ مون لاءِ مشعل آهن.



ڪينرو ڪيسين وڄايان - مشتاق سعيد

چئو تون مونکان پوءِ، ڪنهنجو ٿيندي ڪينرا؟
واڪا ڪندي ووءِ، صدين تولئہ سنڌڙي...
(شيخ اياز)

پر ڪلهي تي ڪينرو ڪيسين وڄايان الوداع
اي سنڌ توکي الوداع
اي هند توکي الوادع
(شيخ اياز)

## ڪجهه اکر پبلشر پاران

ڏرتي ۽ اُن جي ٻولي جي واڌ ويجهہ لاءِ هميشہ شاعر، اديب ۽ ليکڪ جو ڪردار سڀ کان وڌيڪ ۽ اهم هوندو آهي. ان حوالي سان سنڌ ڌرتي سڀ کان وڌ خوشحال هجڻ گهرجي، جنهن شاهہ لطيف، شيخ اياز، احمد ملاح، استاد بخاري، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي جهڙا اَمُلهہ ماڻهو پيدا ڪيا آهن، ۽ اهو سلسلو اڃان اڳتي، اياز امر شيخ، ايوب کوسو، ساحر راهو ۽ مشتاق سعيد تائين هلندو اچي/ هلندو رهندو.

مشتاق سعيد جا هِن کان پهرين ٻہ شعري مجموعا شايع ٿي چُڪا آهن، هاڻي هي ٽيون شعري مجموعو "ڪينرو ڪيسين وڇايان" اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب کي ساحل پبليڪيشن ڇپرائي ادب ۾ ڪيترو واڌارو ڪيو آهي، اِن جو فيصلو اوهان پڙهندڙن تي ٿا ڇڏيون.

اسان جي اِها ڪوشش رهي آهي تہ سنڌي ادب ۾ سُٺا ڪتاب شايع ڪري سُٺي علم جو ڦهلاءُ ڪريون ۽ لائبريرين ۾ پُڻ واڌارو اچي، اسان کي اُميد آهي تہ ساحل پبلڪيشن طرفان ڇپرايل هي پنجون ڪتاب سُٺن ڪتابن جي فهرست ۾ شامل رهندو. ڪتاب پڙهي اسان کي پنهنجي راءِ کان ضرور آگاهہ ڪندا.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

7 نومبر 2012ع
حيدرآباد

**مور ساگر**
03332634650





**مُهاڳ**

## سنڌ اسان جي جند پرين!

(باغي نسل جو شاعر)

سنڌ جي جاگرافي جي محافظ شاعر شيخ اياز ڪٿي لکيو آهي تہ شاعري سڄي عمر جي رياضت جو نالو آهي جيڪا شاعر جي گهري مشاهدي ۽ وسيع مطالعي جو نچوڙ هوندي آهي، باذوق ۽ حَسين شاعر مشتاق سعيد جو ڪتاب

"ڪينرو ڪيسين وڇايان" بلڪل ان ڳالهہ جو چٽو اهڃاڻ آهي. هي ڪتاب ۽ ان ۾ موجود شاعري نہ رڳو حسناڪين ۽ دلڪشين جو ڪاڪ ٿيل آهي پر سماجي شعور، سياسي آگاهي ، امپريلزم ۽ نيشنل ازم، غربت، پسماندگي جهڙن عالمگير خيالن سان پرپور ٽين دنيا جي هڪ حساس فرد طرفان ڳوڙهن سان پريل هڪ طاقتور ۽ باغياڻي طنز آهي. سامراجيت ۽ ملٽي نيشنل ڊاريڪشنز تي دنيا کي مُٺ ۾ قيد رکڻ جي تمنا ڪندڙ عالمي ۽ ملڪي سفاڪن ۽ رهزنن لاءِ مشتاق وٽ اهڙي زبان ۽ اهڙا لفظ آهن جيڪي فلسطين ۾ محمود درويش وٽ هئا، جيڪي ترڪي ۾ ناظم حڪمت وٽ هئا.

غلام ملڪن ۾ شاعري هڪ اهڙي تلوار بڻجي پوي ٿي جنهن کي رُڪ جو پاڻي مليل هوندوآهي، جيڪا پنهنجي قوم کي پنهنجي ديس جي درياهن، ڍنڍن، پهاڙن، ڪيٽن ۽ ٻنين سان محبت جا درس ڏيندي ڏيندي ڊپيل لفظن ۾ رسول حمزا توف وانگر اهو چوندي ويندي آهي تہ جاڳو ديس تي ڏکيو وقت اچڻ وارو آهي ... سچ تہ اهڙي شاعري حقيقي طور دنيا جي

محڪومن ۽ مظلومن لاءِ ڏيڍ ۽ اتساھ جو ازلي آڌار بڻجي پوندي آهي. هن ڪتاب جي ليکڪ جو تعلق ٽين دنيا جي غلام، پيڙهيل قوم سان آهي ان ڪري وٽس جماليات ۾ بہ مزاحمت آهي.

جيڪو گوتم وانگر ڪڏهن گيان ۾ ويهي آڪاشن ڏانهن تڪي پوءِ سوچي ٿو پر پو هي هيڏو انياءُ ڇو..؟ وک وک تي راوڻ جهڙي رات، بي مهلا وڇوڙا، پري تائين سناٽو ئي سناٽو ۽ وجود هستي يسوع وانگر ڪيستائين رت ڳاڙيندي رهندي؟ منهنجي آڱرين ۾ ڪيڏو نہ ٿڪ آهي ۽ درد جي پکيڙ ڪيڏي نہ وڏي آهي ڇو نہ ڪو شور اپري . ڪو آواز اٿي؟ ڇو نہ ڪو نيرو سمنڊ اٿلي پئي؟ ڇو نہ گهٽا جا گهنگهرو ڇنن ڇنن ٿي ڇڻڪن؟ ڇو نہ رات جي روح ۾ خنجر ٿي لهي پئجي؟ ڇو نہ ديس جي مک تان دز لاهجي، ڇو نہ آزادي جا سرڪش پرچم اڀ تائين جهولائجن. ڇو ڇو هي جمود نہ ٽٽي سگهي؟ ڇو هي چمڙن ۽ چٻرن جو راڄ نٿو ختم ٿي سگهي؟ تاريخ کي آفريڪي ٻيلن جهڙي ڏائڻ قرار ڏيندڙ ڇو نہ ٿا سمجهن تہ تاريخ ڪنهن دور ديس جي پهاڙي حسينا بہ ٿي سگهي ٿي .وهندڙ درياھ روڪي سگهجن ٿا تہ وحشتن جو ڇُريون ڇو نہ ٿيون پڇي سگهجن؟ شايد اهوئي ڪرب هڪ حساس ماڻهو ۽ سچيت تخليقڪار جي من کي ايئن سٽي ٿو جيئن ڪا ڏوٻڻ گهاٽ تي ڪپڙن کي سٽيندي آهي، پوءِ اهو ڏات ڏٽي اڳتي وڌي ٿو وسعتون لتاڙي ٿو، نظرين جا نيئر، فتوائن جا ڦندا،ذهني عذاب، پوڳنائون، روحاني قيد، ڪاٻين ۽ ساڄين ڌرين جا دهمان، دين جون پوٿيون پستڪ آئون تون، ڇا ڇو، ڪيئن؟ جا ڪڙول، ٽڙڻ جي مند ۾ ڇاٽڻ جون ڇڙٻون، ٻيوسي جا برپٽ، رڻ جون راتيون، اڪيلائپ جي اڀ هيٺان هڪ شاعر دلين جو ڌوٻي، پوءِ رنگ هارڻ لاءِ آتو... رنگن جي دنيا ... حُسن جا رنگ، چاهت جا رنگ، پوپٽ جي پرن جا رنگ، مئي جا رنگ، ڪنيارن جي آويءَ جهڙا رنگ ، درد جا رنگ ، خوشي جا رنگ،روشني جا رنگ، پوءِ هو روحن جو رنگريز ٿي پوي ٿو. رنگن جي ان دلڪش دنيا ۾ هن لاءِ سڄي ڪائنات پرينءَ جي پازيب جي وڄت جهڙي ٿي پئي ٿي، جنهن جي هر ڪنڊ ماڪ جي ڦڙن جهڙن لڙڪن سان آلي هوندي آهي، اهي سڀ سانوٽي جا رنگ گلن جي






خوشبو مينهن وساڻن جي مهڪ، بادلن جي بي پرواهي، حسناڪين جا منظر، لاڙ جي صبحن جهڙي ارڏائي، درياھ جي وهڪ، ٻاک جو بدن . سانجهہ جا ڏيئا، ساموندي بندر تي لنگر ٿيل ٻيڙا، اڏامندڙ پکي، باغي جوان، يتيم ٻار، نڌڻڪا نسل، درد دل ديس عاشقي جون اهي سڀ ڪفيتيون سائڻ مرنا جي اداس ڏَنين جون روپ ڌاري مشتاق سعيد جي ڪتاب ڪينرو ڪيسين وچايان ۾ نمايان ٿي بيٺيون آهن. مشتاق سعيد جي شاعري ۾ لاڙ جي نرمل صبحن ۾ لَيَن تي پوندڙ ماڪ جي ڏيمي خوشبو آهي، وطنجي سرحد تي شهيد ٿيندڙ سپاهي جي رت هاڻي اجرڪ جو تقدس بچائڻ کان وٺي ٻاگهل جي پوتي جا ٽڪر ميڙڻ تائين، دودي جي تلوار جي چمڪاٽن کان وٺي باڪوڙي جي مقتل ۽ خوشبو ٿيل خون جي مهڪار تائين لاوارثي جي رڻ ۾ بيٺل اداس نسل جي ريزه ريزه ٿيل خوابن جي ماتم کان وٺي ٿر جي قتل ٿيل مورن تائين، پٽائي جو قسم سمورن ڳوڙهن، وڇوڙن، سوڳوارين، ماتمن ۽ اوسارن کي مشتاق سعيد ڪمال سان ميڙي هڪ اهڙي رڙ ٻڻائي ڇڏيو آهي جيڪا هڪ ڏينهن ٺوراسرافيل بڻجي ويندي ۽ سڄي سنڌ قبرن ۾ ستل مُردن جيان جاڳي پوندي . غلامي جا ڳٽ ڇيهون ڇيهون ٿي ويندا. سندس شاعري اهڙي برسات جي ڦڙي آهي جيڪا جنهن بہ سپ جي وات ۾ ويندي تہ موتي ٿي نڪرندي . هن جنهن جي صوفي جهڙي دل ۾ سڄو ديس ٽڪي ٿو“ هم اوست” جي هوڪي کي ازل جي ناد سمجهي، هو تاريخ جي سدا مرڪندڙ انهن ڪردارن جي پيرن تي پير رکي سفر ۾ آهي جن جي ڏاٽ سڄي ڏيه کي ست رنگي سانجهين ۾ بدلائي ڇڏيو.

معاشي بدحالي ۽ سياسي بي رحمي واري دور ۾ بہ شاعري ۽ ادب جي ميدان ۾ زرخيز هي منهنجو پرين ديس جنهن جي مٽي جي ذري ذري کي نپوڙيو وڃي تہ يا شهيدن جو رت ڦوهارا ڪري نڪرندو يا شاعري جا ٽڏا چشما ڦٽي نڪرندا، ان کي ڏات جي ديوار چين ڏيندڙن جو وڏو ڊگهو قافلو آهي، قاضي قادن ۽ مِيون عنايت کان وٺي، لطيف کان اياز تائين ڪي شاعر آڪاش جيڏا آهن، ڪي ڪارونجهر آهن ڪي سنڌو درياھ جيان آهن تہ ڪي ڏات جا وڻجهارا آهن ڪي جوڳي آهن يا سامي آهن ڪي رومانوي

شاعري جا بادشاهه ڪي انقلابي گيتن جا جرنيل شاعر ڪي روحاني رمزون ڏيندڙ صوفي سنڌ آهن ڪي ڪلاسيڪل شاعري جا مهندار آهن پر سڄو ڏيه ڳاڙهو ڪهنبو آهي ان قافلي ۾ لاڙ جي سانوري سيم سڄاول پنهنجو حَسين حصو رکندي آئي آهي. آپا مريم مجيدي ۽ اياز امر شيخ جهڙن شاعرن جي وچ ۾ نروار ٿي پنهنجو پاڻ کي الڳ بيهارڻ تي آئون مشتاق سعيد کي لفظن جي لوئي اوڍائيندي ٿو چيان تہ جيئن لطيف ۽ سچل جي وچ مان اياز تاريخي ايار ڪاڏو تيئن تون بہ اياز امر ۽ مريم مجيدي جي وچ مان نئين شبيه ۽ نئين روپ سان نروار ٿيون آهين. اها نواڻ جي خوشبو اجري رکٽي آهي.

انساني احساسن سان ٿيل ناحق جي تاريخ تہ ڪائنات جيتري پراڻي آهي پر جڏهن کان سرحدن جي نئين ورهاڱي جو شڪار ٿيا آهيون تڏهن کان مشتاق جو ديس دلدل ۾ ڦاٿل آهي، مذهبن جي نالي تي لتاڙ سياست جي نالي تي سوديبازيون، غربت جو گهاٽو محبت جون محروميون، چاڪي جي ڏاند وانگر گهلبا رهيا آهيون. مشتاق وٽ جتي ڏرتيءَ جي ڏاڙيلن لاءِ ڌڪار وارو ارڏو اظهار آهي اتي سندس شاعري ۾ رومانس جو ندي جي لهرن جهڙو رقص بہ موجود آهي آڙين جي اُڏار جهڙا ريشمي احساس بہ نمايان آهن. مشتاق وٽ اظهار جو سرويچ ، مجيدي، مريم ۽ اياز امر، ارشاد ساگر ۽ سانگي وانگي البيلو انداز آهي ، مون سندس جيڪي نظم هن ڪتاب مان چونڊيا اهي سڀ نقل ڪرڻ جهڙا آهن پر ڊيگهہ کان بچڻ ۽ پڙهندڙن جي مزاج جي مانوسيت کي نظر ۾ رکي مون اهي هتي ڏيڻ مناسب ناهين سمجهيا، اهو پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي تہ اهي مشتاق جا هن ڪتاب ۾ موجود نظم ڪيئن ٿا روح ۾ لاهين پر سچ تہ سندس نظمن ۾ بهار جهڙي رنگت آهي، وچ جا وراڪا آهن، ڪنهن نوخيز نهار جا تجلا آهن، باک ڦٽي جو چڙن جي چونگار آهي، يڪتاري جا آلاپ آهن ۽ هن نظمن جو رنگ مشتاق جي بلڪل اداس مرڪ جهڙو آهي. مشتاق سيني صنفن سان انصاف ڪري ٿو اهو انڪشاف مونتي سندس پهريون ڪتاب ڏيمي وِهڪ درياهہ جي پڙهڻ وقت ئي ٿيو هو. مشتاق جي شفقت ۾ مونکي هن جا ٿهڪ


www.sindhsalamat.com



ڏاڍا وڻندا آهن ڇو تہ ٿهڪ زندگي جي علامت هوندا آهن ٿهڪ جن ۾ ڪنهن ڍولڪ نواز جي ٿاپ جو پراڏو هوندو آهي، ڪنهن وش ڪنيا جي مرڪ جي مهڪ هوندي آهي، سنجها ويلي جڏهن سج لٿي ائين لڳندو آهي ڄڻ ڪنهن حسينا جي هٿ مان سون جو ٿالهہ ڪِري پيو هجي ان دلنواز منظر کي فقط مشتاق جهڙو ڪو ڪوي ئي حيات جاوداني بخشي سگهي ٿو. مشتاق محرومين، مفلسين، ڏڪار بک، اڻ برابري، غلامي، جمود، ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف تلوار جي ڌار جهڙا گيت ٿو سرجي، سندس شاعري پڙهندي پڙهندي مونکي وري بہ اياز جي ڪا آيت ٿي ياد اچي تہ هر شاعرِ انقلاب، شاعر محبت نٿو ٿي سگهي پر هر شاعرِ محبت، شاعرِ انقلاب هوندو آهي. مشتاق جي شاعري کي کهنبو اوڊيل آهي سندس نظمن، واين ۽ بيتن کي ايترو حُسن آهي جيترو حُسن ايلورا ۽ اجنتا جي غارن ۾ برندڙ ڏيئن کي آهي، جيترو حُسن ڪارونجهر جي شام کي آهي، جيترو حُسن مني جي سانجه کي آهي، جيترو حُسن چاچري جي باک کي آهي، جيترو حُسن سڄاول جي گوناگين گهٽين ۾ آهي جيڪي مونکي اڻ سليل اسرارن جيان پاسنديون آهن، مونکي لڳندو آهي تہ سڄاول ۾ ڪي زمانا اڳ ڪي بادشاهن جون پَٽ راڻيون، ڪي ڪامڻيون رهنديون ۽ پولڪا پائي رقص ڪنديون هيون، مندر هئا، ڏيئا هئا ڄڻ هڪ اڻ ڏٺي تاريخ جي منهنجي ڪنن ۾ سرگوشيون ڪندي آهي، آئون سندس سونهن ۾ ايترو گهيرجي ويندو آهيان جو مونکان بي ساختا رڙ نڪري ويندي آهي تہ مار سنڌ ڪيڏي خوبصورت آهي...!

هي ڪتاب محبت جي پرستارن لاءِ اوجاڳن، اوسيئڙن، انتظارن، بيقرارين جي اڻ ڇهيل خيالن جي ورق گرداني سان پرپور آهي، جنهن ۾ آڏين جون محبت جي اڪيلي ڪيل پنڌ ۽ رات جي رهزنن جون بي راهہ رويون بہ آهن. مونکي يقين آهي تہ اهو وقت پري ناهي جڏهن ڪائنات جي نئين تاريخ شاعر لکندا، شاعر صدين جون صدائون هوندا آهن جن کي وقت جي دز ميرو نٿي ڪري سگهي. ڪتندڙ ۽ هارائيندڙ سياستدان ۽ جرنل ايندا ويندا آهن پر شاعرن جا مسڪن دليون هونديون آهن، روح هوندا آهن، اهي


www.sindhsalamat.com

سدا حيات رهندا آهن، انهن جي ٻولي، انهن جو فڪر، انهن جو گس انسانيت جي عظيم ڳانڍاپي جو اهڃاڻ هوندو آهي.ڀلا برصغير جو ورهاڱو ،ڪبير، تلسي ، لطيف ۽ سچل کي جدا ڪري سگهيو؟ منهنجي رُوح ۾ جيترو پيار اياز ۽ مشتاق لاءِ آهي اوترو نذار قاباني ۽ ناظم حڪمت لاءِ آهي، اها ڳالهہ درست آهي تہ هر شاعر جي زمين پنهنجي هوندي آهي سنڌ ۾ رهي اڪيون پوئي فلسطين جي بيواهہ ٿيل ناري جي ڳوڙهن تي لڪجي پر سنڌ جي ڪنهن پوتار هٿان عزت ۽ ايمان وڃائيندڙ هارياڻي کي نظرانداز ڪجي تہ اها ڪا بين القواميت پسندي ناهي. ٽين دنيا جو اصطلاح ئي بک، ڏڪار، ذلت، آپيشاهي، محرومي، درد، ۽ ماتم جو آهي. مشتاق سعيد قومي جياپي لاءِ وڙهندڙ هر جنگ کي روحاني تناظر ۾ ڏسي ٿو، تڏهن هن جون اکيون هر شام غريبان تي نمرود جي آتش جيان پچي پون ٿيون، هو شبنم کي شعلو بنائي وڏي ٿو ڏونگر ڏورڻ وارو، ٽَڪر ٽوڙڻ وارو، تاريخي ۽ لطيفي پنڌ سندس لاءِ مڪي ۽ هنگلاج جي پنڌ کان بہ وڌيڪ مقدس ٿي ٿو پئي. مون قومي درد، آزادي جي تانگهہ، بقا جو رستو سندس شاعري ۾ ارزان ڏٺو آهي هو ذميوار ۽ ڪميٽيڊ تخليقڪار آهي.

آئون چاهيان ها تہ ڪنهن نقاد جي نڪ مٿان لٽڪيل وڏن ڪاون واري چشمي مان مشتاق جي شاعري جو "وڍ ڪٽ" ٿيل وجود ڏسي پوءِ لکي پئي سگهيس پر آئون پيار جي پورهئي کي پيار جي اک سان ڏسڻ کي گلابي حقيقت ٿو سمجهان، ندين، گلن ۽ پرين تي تہ رڱو گيڙو رتيون ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون، سنڌور جهڙيون سِٽون لکي سگهجن ٿيون. شاعري جي اپسرا جي ڊگهن ذلفن ۾ نرملتا سان آڱريون ڦيرائي ماڻهو آڪاس جيڏو آنند ماڻي سگهي ٿو. اها روايت هاڻ اڪارج ٿيڻ کپي تہ تنقيد ۽ مهاڳ جي نالي ۾ ڪتاب ۽ شاعري جو مهانڊو ئي بدلائي ڇڏجي ،ڪلارڪن ۽ ڪامورن وانگر ادب لکڻ کان بهتر آهي تہ وڃي ڪو ٻني ٻارو ڪجي،هاڻ نئين ڳالهہ ٿيڻ کپي، نوان گل ڦٽڻ کپن، تازي مهڪ ڀري هوا گهلڻ کپي، شاعرن کي آزادي سان لکڻ ڏجي، ٻارن کي رانديون رهڻ ڏجن، عورتن کي کلڻ کان نہ روڪجي نئين دور سان سنڌ کي انساني ماڻهپي، رواداري،





سيڪيولرازم، شاعري ،ادب کي انسان دوستي طور متعارف ڪرائڻ سياستدانن کان وڌيڪ اديبن جي ذميواري آهي. اها ڳاڙهي سج اڀرڻ جي ڳالهہ جيڪا لطيف ڪئي ان کي تازگي باکوڙي تي شيهد وطن قربان کهاوڙ ڏني ان ۾ جيڪا نئين نرالي دلڪش رعنائي اپريل جي گونگي ان رات ۾ ڌرتيءَ جي پٽ بشير قريشي اربي، ان جهنڊي کي جهم جي پاٽي ۾ ٻڏڻ کان بچائڻ لاءِ شاعري کي جي ايم سيد جهڙي دل ڏيٽي پوندي. تاريخ جي اها للڪار مشتاق سعيد ورنائي آهي سندس شاعري ۾ اهي سپ رنگ آهن جيڪي عظيم سنڌ جي ساک پرين ٿا آئون سمجهان ٿو تہ سنڌ سهي سمورا ڳڻ ۽مثبت قدر ميڙي رهي آهي جن سان هو موجوده ۽ ايندڙ زمانن تائين دنيا جي نقشي تي اثر انداز ٿي سگهندي...

**نواز شاهہ پاڏائي ٺٽو**

7 آڪٽوبر 2012

# ٻاڪ ٿي مونکان ٻُڇي

صدين کان شاعري ئي اهڙو واحد ذريعو رهي آهي، جنهن نہ صرف ڪائنات کي رنگين ۽ خوشبودار بڻايو آهي پر غلاميءَ جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل انسانن کي اُتساهي آزاديءَ جي در تي آڻي بيهاريو آهي. سنڌ ڌرتي شروع کان ئي خوشقسمت رهي آهي . جنهن ۾ شاعريءَ هميشہ رهبري ۽ رهنمائي جو ڪم ڏنو آهي. هتي شاعريءَ جا کيت سدائين سرسبز ۽ شاداب رهيا آهن.

اهڙي سرسبز کيتر جو هڪ شاعر مشتاق سعيد پڻ آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي ادب جي جهول ۾ ڪيترائي موتي پلٽيا آهن. سندس شاعراڻي ذات جي اها موتين مالها، ڏينهون ڏينهن واڌاري ڏانهن وڌي رهي آهي. هينئر هي سندس شاعريءَ جو ڪتاب "ڪينرو ڪيسين وڇايان" اسان جي هٿن ۾ آهي. هن کان پهرين سندس شاعريءَ جا ٻہ ڪتاب "ڏيمي وهڪ درياهہ جي" ۽ " ڀرپور سمندر گرجي ٿو" آيل آهن. هي ڪتاب سني شاعريءَ جو مجموعو چئي سگهجي ٿو.

مشتاق شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ ڪاميابي ماڻي اٿس. شاعر جي تخليقي ذات تي هميشہ هنن شين جو گهرو اثر ٿئي ٿو ماحول، مطالعو، مشاهدو ۽ طبيعت. ماحول، مطالعو ۽ مشاهدو تہ هميشہ حالتن جي پيداوار پئي رهيا آهن. جڏهن تہ طبيعت صرف ۽ صرف قدرت جي عطا رهي آهي، ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ فرد جي طبيعت جو لاڙو جنهن طرف هوندو. تخليق ۾ بہ اهو ئي رنگ جهلڪندو نظر ايندو. شاعريءَ جو نمونو پاڻ ڪڏهن بہ چونڊبو ناهي پر شاعر جي سوچ ۽ فڪر جو انداز ئي ڪيس ان رستي تي وٺي ويندو آهي.

مشتاق جي شاعريءَ ۾ سندس مشاهدو ۽ سوچ فڪر نمايان نظر اچي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ اندر جا احساس، اُڏاما ڏيئي ٻاهر اچن ٿا جيئن هن نظم



www.sindhsalamat.com



۾ چوي ٿو تہ،

تين دنيا جا ٻکيا ماڻهو،
خوابن جا ڀي لاش ڪڻن ٿا،
ماني جي هڪ ڳيري لاءِ،
پنهنجو رت ۽ ماس ڏين ٿا.

هن نظم ۾ سندس احساس جو درد پسي سگهجي ٿو. هڪ سچو شاعر، خوشيءَ ۾ پنهنجو اظهار جهڙيءَ ريت ڪري ٿو ان کان ٻيڻو اظهار هو ڏک مهل ڪندو آهي، جڏهن سماج ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافيون ڏسي، سندس اندر اڌ ٿي پوندو آهي تہ هو اظهار قلم ذريعي ڪندو ۽ پنهنجي احساسن ۽ جذبن جي وارتا، نثر يا نظم ۾ ظاهر ڪندو.

مشتاق پنهنجي احساسن کي هن نظم ۾ ڪيترو خوبصورت طريقي سان چٽيو آهي

جنهن وقت سمندر لهرن سان،
اڌ رات اُٿي ٿو چنڊ ڏس،
۽ تارن جو هي منڊ ڏسي،
ٿي منهنجي جيءَ کي چڪ اچي،
ڄڻ آڪاسن تان ڪا دنيا،
ٿي منهنجي ڌرتيءَ ڏي نهاري،
مان نيل گگن تي واجهہ وجهي،
ڄڻ ڪائي پرولي سوچيان ٿو،
۽ لوچيان ٿو.

ڪيڏي گهرائي آهي هن نظم ۾، پڙهندڙ کي محسوس ڪرائي ٿو تہ، هن سڄي ڪائنات ۾، هر انسان جي دل کي پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق چڪ اچي ٿي ۽ هر انسان فطرت مطابق آزادي سان سوچي ٿو.

هن ڪتاب ۾ نظم ،وايون، ۽ بيت، شامل آهن، جيڪي سندس شاعراڻي ذات کي ظاهر ڪن ٿا. سندس قلم جي نوڪ مان جتي سماج جي



www.sindhsalamat.com

ڇپيندڙ رشتن ناتن لاءِ شاعري لکجي ٿي اُتي دل کي ڇهندڙ حَسين لفظن جي جوڙجڪ پڻ ملي ٿي جيئن هنن چئن سٽن ۾ اسين بخوبي پسي سگھون ٿا.

جا جوت ملي آ، جيءَ اندر،
ڪائي تہ شمع سا ٻاريندي،
اڌ رات اَکين جي پَنڙن تي،
ڪا چاندوڪي سا هاريندي.

شاعر امن ۽ محبت جا پيامبر ٿيندا آهن. سماج ۾ ٿيندڙ ناانصافين تي هو رت جا ڳوڙها ڳاڙين ٿا. مشتاق بہ امن پسند انسان آهي جيئن هن نظم ۾ خدا سان شڪايتي انداز ۾ فرياد ڪري ٿو تہ .

اي خدا، تون ڏاهي پَٽِ ڪر،
مسجدون هي سڀ ڪليسا ۽ مندر،
تون بہ هڪڙو جوڙ گھر.

يعني سماج ۾ جيڪا فرقيواريت جي گرم هوا گُھلي رهي آهي، اُها نہ هئڻ گھرجي هرجاءِ تي، هر مذهب ۾ خدا تعاليٰ هڪ آهي، تہ پوءِ هي نفرتون ڇو آهن ؟ سيني کي ملي هڪ ٿيڻ گھرجي ۽ پُرامن ماحول پيدا ڪرڻ گھرجي. هر دور جو شاعر، ماحول ۽ معاشري جو ترجمان هوندو آهي. هن جي پارکو نظر سماج اندر ٿيندڙ ٽوڙ ڦوڙ کي ڏسي برداشت نہ ٿي ڪري پوءِ هو قلم جو سهارو وٺي انهن تفريقن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي . مشتاق جا بہ هن ڪتاب جي سڄي شاعريءَ ۾ اهڙا ئي ميٺ محبت وارا ۽ پُرامن جذبا نظر اچن ٿا. هو ڌرتيءَ سان ٿيندڙ زيادتين تي بہ قلم کڻي ٿو تہ طبقاتي نظام تي بہ اهنج محسوس ڪري ٿو. مشتاق سعيد ۾ اهي سڀ احساس موجود آهن جيڪي هن باشعور انسان ۾ هوندا آهن. دعا آهي تہ ڏڻي تعاليٰ سندس قلم کي اجان بہ وڌيڪ سگھہ عطا ڪري.

**پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ**


www.sindhsalamat.com



**شاعر پاران**

## ڦُلڙيون ڦلڙيون ڏات

مونکي ٽئگور جو هڪ نظم اڪثر ياد ايندو آهي، جنهن ۾ هُن لکيو آهي تہ "تنهنجي رٿَ ظاهر ٿي تہ آئون خوش ٿيس تہ اڄ آئون مالا مال ٿي ويندس ۽ تون مونکي بنا گُهرڻ جي گھڻو ڪجھہ ڏيندين، پر جڏهن تنهنجي رٿَ اچي مون وٽ بيٺي، مون توکان ڪجھہ گُهري وٺڻ ٿي چاهيو. تون رٿَ مان لهي آئين ۽ مونکي ڪجھہ ڏيڻ بدران تو
مون اڳيان هٿ ڊگھيريو ۽ مونکي چيو تہ تون وٽ ڇا آهي مونکي ڏيڻ لاءِ؟ آئون حيران ٿي ويس، پنهنجي ڳوڌڙيءَ مان اَنَ جو هڪ داڻو ڪڍي توکي ڏنم ۽ تون هليو وئين، ان شام جڏهن آئون پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ ڳوڌڙيءَ کي کولي جانچي رهيو هوس تہ مونکي سون جو هڪ داڻو نظر آيو. تڏهن حسرت ۽ ڏک مان سوچيم تہ ڪاش آئون پنهنجو سڀ ڪجھہ توکي ڏئي ڇڏيان ها..!"
ٽئگور جو اهو نظم پڙهڻ کان پوءِ سوچيان ٿو تہ آئون زندگيءَ ۾ ڪنهن کي بہ ڪجھہ ڏئي نہ سگھيو آهيان ۽ نہ ئي ڪنهن کان ڪجھہ وٺي سگھيو آهيان، بنهہ خالي رهيو آهيان. مڪمل خالي پٽو هڪ لاشخص جي روپ ۾ مون پنهنجو وجود ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مونکي پنهنجو وجود ڪٿي بہ نظر نہ ٿو اچي، ڪڏهن ڪڏهن تہ اهو گمان ٿيندو اٿم تہ آئون شايد آهيان ئي ڪونہ. ڪٿي بہ ناهيان، نہ ڌرتيءَ تي، نہ افق ۾،نہ چنڊ ستارن تي ۽ نہ ڪنهن جي دل ۾، آئون تہ آهيان ئي ڪونہ. صرف هڪ خيال آهيان،خالي پٽي جو خيال، سندرتا کان خالي، فڪر کان خالي...!
مون لطيف ۽ سرمست کان وٺي شيخ اياز تائين سنڌ جي سمورن ڪوين جي ڪويتا ۾ پاڻ کي ڳوليو آهي پر مونکي ڪٿي بہ پنهنجو وجود


www.sindhsalamat.com

نظر نہ آيو آهي...!

آئون پنهنجي وجود جي ڳولا ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان. آئون پنهنجو وجود ان شخص ۾ ڳولي رهيو آهيان جنهن لاءِ شيخ اياز چيو هو تہ:

تون جو مونکان پوءِ اچين،
کينجهر کان ڪارونجهر تائين،
منهنجا گيت ٻڌين، مونکي ياد ڪرين،
سنڌڙي ساري ڳاڙهو کهنبو ٽي ويندين تيسين،
۽ جي ان تي منهنجي ڦُلڙيون ڦلڙيون ڏات ڏسين،
شال اهو سمجهين،
ڏات وڏي شيءِ ناهي پرسچ وڏي شيءِ آهي،

جنهن شخص لاءِ اياز اهي سٽون لکيون. آئون ان شخص جي ڳولا ڪري رهيو آهيان پر مونکي ان جو ڪو ڏَس پتو نہ ملي سگهيو آهي. آئون ڪنهن مهل پاڻ کي اتاهين تان هيٺ اونداهين ۾ ڪِرندي محسوس ڪريان ٿو تہ ڪنهن مهل اڏامي چنڊ ستارن کان بہ مٿي ڏُور افق ۾ هليو وڃان ٿو ۽ وري ڦهڪو ڪري ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ اچي پوان ٿو. تڏهن محسوس ڪريان ٿو تہ آئون ڪجهہ بہ ناهيان...!

آئون محسوس ڪريان ٿو تہ منهنجي ڪلهي ۾ ٽوڪري آهي ۽ آئون سڄي ڪويتا کيتر وڙولي ڏات جون ڦُلڙيون ان ٽوڪريءَ ۾ ڀريان ٿو پر جڏهن سانجهيءَ ويلي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ پهچان ٿو تہ ٽوڪري خالي آهي، ڏات جون ڦُلڙيون الائي ڪٿي واٽ تي ئي گم ٿي وڃن ٿيون...!

آئون هڪ عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا آهيان. منهنجي ڳَنن ۾ ٻُرندڙ پڙلاءُ مونکي ولوڙي رهيا آهن. منهنجو اندر ايئن گرجي ٿو جيئن چنڊ جي چوڏهين رات ۾ سمنڊ گرجندو آهي. آئون ان ديس جو رهواسي آهيان جتي ڌارين جي لتاڙ جا نشان ايترا تہ گهاٽا آهن. جو پنهنجن جا پيرا بنه نہ ٿا ليجن. منهنجي ڳَنن ۾ ترخانن ۽ ارغونن جي گهوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ ۽ هٽڪارن جا آواز ٻُري رهيا آهن. آئون مڪليءَ تي لڙڪيل آخوند صالح جي ڪپيل زبان کي اچرج مان ڏسي رهيو آهيان. موهن جي دڙي جي ڪنڊرن





۾ پنهنجي سايي کان بہ ڇِرڪي رهيو آهيان ۽ محسوس ڪريان ٿو تہ ٻيجل جو چنگ پوءِ بہ بس ئي نہ ٿو ڪري...!

منهنجا خواب سرحدن جا ليڪا لتاڙي پري پري جي ديسن تان ڀٽڪي موٽن ٿا. مونکي گوئٽي ۽ بائي شيلي جو صدائون بي چين ڪن ٿيون. سقراط ۽ سورويٽ جو سچ مونکي يونان مان گُهوري رهيو آهي. پر آئون ڪائر آهيان. سڀ ڪجهہ ڏسندي بہ خاموش آهيان. ٻُڌندي بہ ماٺ آهيان. آئون جڏهن بہ قلم کڻان ٿو تہ منهنجا هٿ ڪنبڻ لڳن ٿا. ڪجهہ لکي نہ ٿو سگهان. پرہ ڦٽيءَ جو وڻن جي ٽارين تي ويٺل پکين جون ٻوليون مونکي بيچين تہ ڪن ٿيون پر آئون انهن پکين سان گڏ ٻوليون ٻولڻ کان محروم آهيان. آئون هڪ عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا آهيان ۽ پنهنجي وجود کي ڳولي رهيو آهيان...!

اوهانجو پنهنجو
**مشتاق سعيد**
03332723101

# نظم / آزاد نظم





## ڇڏيل ڪينرو...

اياز تنهنجا اشعارمون لئہ مشعل آهن،
جو ڪينرو تون ڇڏي ويو آن،
سوچڻ تہ مون آ ڳُلهي ۾ پاتو
اجا بہ آتو
سنگيت آهي،
۽ گيت آهي،
جو ذهن منهنجي مٿان لهي ٿو
سنگيت آهي،
جو دل ۾ ڪوئي ولوڙ ڏئي ٿو
سفر صدين جو تڳيو جو تو آ،
اتان ئي پيرا کڻي اچان پيو
اوهانجا ديرا وٺي اچان پيو
جو گيت تو هو ڇڏيو اڌورو
انهيءَ کي پورو
ڪري سگهان يا مَري وڃان مان،
اهو نہ ڄاڻان مگر ٿو ڄاڻان،
جو ڪينرو تون ڇڏي ويو آن،
سو چڻ تہ مون آ ڳُلهي ۾ پاتو.
*

## ڄميا به آهيون مَريا به آهيون...!

اسان تہ اڳ ۾ هزار ڀيرا،
ڄَميا بہ آهيون ،مَريا بہ آهيون...!
اسانجي هستي پُڇين ٿو ڇاهي؟
وجود وستي پُڇين ٿو ڇاهي ؟
اسانکي موتين جي مهڪ ۾ ڏِس،
ڦَٽيا جي جنگ ۾ تني جي هر هڪ ڇهڪ ۾ ڏِس،
هوءَ ڪولهياڻيءَ جي ٻانهن ڪاري
انهيءَ جا ڪنگڻ اسان تہ آهيون،
هوءَ باگڙياڻيءَ مٿي تي ڪاري ،
انهيءَ جا اوڇڻ اسان تہ آهيون،
اسانکي تارن ڪتين ۾ ڳوليو
ڪِڙيا بہ آهيون ٽِڙيا بہ آهيون،
اسان تہ اڳ ۾ هزارڀيرا ،
ڄَميا بہ آهيون مَريا بہ آهيون...!
ڪڏهن وٿاسين تہ سانوڻي ٿي ،
ڪڏهن ٻَرياسين تہ چاندني ٿي ،
اسان تہ ٽئگور جا ئي پاڇا،
اياز ٿي هِت رهيا بہ آهيون،
اسان تہ اڳ ۾ هزار ڀيرا ،
ڄَميا بہ آهيون مَريا بہ آهيون...!
ٿرن ٻَرن ۾ ڪنڊا بہ آهيون،
سنڌو جا ڳاڙها جهنڊا بہ آهيون
اسان تہ اڳ ۾ هزارڀيرا ،
ڄَميا بہ آهيون مَريا بہ آهيون...!





## گيت تہ ڪڏهن مَرٽا ناهن...!

گيت تہ ڪڏهن مَرٽا ناهن...!
واڪا سڏڪا ورٽا آهن،
تاريخن جا تهہ ڦلوري ، جي بہ ڏٿاسين،
سڏ وراڪا صدين تائين،
تارن ،ڌرتيءَ،ندين تائين،
گونج هُياسي گجٽا آهن،
گيت تہ ڪڏهن مرٽا ناهن...!
هوجو "وليم" "بائي شيلي،
منهنجو ڄڻ هو ساٿي ٻيلي،
هائنيءَ: جا گيت بہ ساڳيا،
سچل جا سنگيت بہ ساڳيا،
ٻيجل جو جيئن چنگ چُري ٿو
منهنجي دل جي ٻيرِ وڄي ٿي،
وڏ ڦُڙي ۾ ٻيرِ وڄي ٿي،
سانوڻ جي برساتن ۾ جو
پن پن مان پڙُلاءُ اچي ٿو
خاموشيءَ کي گهاءُ  اچي ٿو
تاڪ ڪَنن جا ڪڙڪن ٿا جو
ساز انهن ۾ سَمٽا آهن،
گيت تہ ڪڏهن مرٽا نِاهن...،
ڌرتيءَ جي آغوش ۾ ٿمجي،
هڏا اسانجا سڙٽا آهن،
گيت مگر پر مرٽا ناهن...،
*

## پيار جهڙو پاپ

پيار جو جڻ پاپ مونکان روز پيهر ٿي وڃي ٿو
هائو دلبر ٿي وڃي ٿو
هر جنم ۾ جيءَ جهاڙي،
مصيبتن جا ڏڳ لتاڙي،
ٿو سڏيان مان پيار کي هڪڙو گناهه،
هائو پوپي،
هر جنم سان،
زندگيءَ جي هر پرم سان،
جو وڏايان اُپ ڏي ٿو هر قدم سان،
پيار پيهر ٿي وڃي ٿو
پاپ جهڙو ٿو لڳي پر، ها مگر هي ٿي وڃي ٿو
*





## زندگي آهن صفحن تي...

ذات ۾ ڪا ذات آهي،
جا صِفا تون ٿي اچي ٿي،
ماپيان ٿو اپ کان ڌرتيءَ تائين ،
ڪائناتون ٿي اچي ٿي،
پيار جو ڏڳ ٿي وڃي،
بوُند هر ڪا بانوري آ، رُت جيڪا سانوري آ،
پيار جي سا چانوري آ،

پيار کان آجو نہ آهي پاڻ منهنجي روح جو
ها مگر بس تي وڃي ٿو
هي گناهہ مونکان اوس ٿئي ٿي وڃي ٿو
هر ڪنهن فڪر ۾ غور کان ايڏو پري،
تاريخ جي هر دور کان ايڏو پري،
ڪا زندگي آباد آهي يا نہ آهي؟
ها ڪيئن چئجي....؟
هڪ راز آهي جو کُلي ٿو
ٻيو راز آهي جو لِڪي ٿو
هي زندگي آ ٻن صفحن تي،
هڪ صفحو آ اڻ لکيل،
۽ ٻيو آهي پَريل،
هڪ روح جي تحرير آ،
جا ڪو نہ سمجهي آ سگهيو
آ جو نہ سمجهيو سو ويو
اسرار ۾ غلطان ٿي،
اسرار اهڙو جو جٿي،
ڪا زندگي آباد آهي،يا نہ آهي؟
ها ڪيئن چئجي ...؟
سا ڪيئن چئجي...

*





## خواب ڳولي ڏيو ...

قديم آثار جا او صاحب،
مونکي بہ منهنجا خواب ڳولي ڏيو افق مان....
سجايا جيڪي هُيا مون سپنا،
پَرايا ٿي ويا، رهيا جي اپنا،
اهي بہ مونکان ويا اُڏامي،
اوهان زمينون بہ کوٽيو ٿا،
صديون پُراڻا جي شهر ها سي ڳوليو ٿا،
تہ پولار کي پيي ڏسو تلاشي،
ڪتيون تراشي،
وٺي ڏيو ڪا سندور جهڙي،
چمڪ شفق کان،
مونکي منهنجا خواب ڳولي،
ڏيو افق مان....!

*

## نئين زندگي

تون ڏسين ٿو هي پپر،
ڇڻ خزان ۾ ويو مَري آ،
زندگيءَ کان نابري آ،
پو بہ هن کي آس آهي،
بهار ايندو
۽ درياهہ ٿي تارِ ايندو
هي وري پي پن جهليندو
ڇهچ ساوا پن جيڪي ويا ڇڻي ها،
واءُ تن کي ويا ڪٽي ها،
گونچ ٻيهر نسرندا ۽،
گل ٻيهر اُسرندا،
زندگي ٻيهار ايندي،
روپ نئين سان ها سَجيندي،
پوءِ پي تون ڪيئن چئين ٿو......
هي مَري ويو ها مَري ويو
جو مَري ويو
تنهن جي ٻيهر موت ٿيندي،
زندگيءَ جي اوٽ ٿيندي،
ڪاش تون سمجهي سگهين ها،
زندگيءَ جي راز کي ۽،
موت جي آواز کي ،
ڪاش تون سمجهي سگهين ها.



كينرو كيسين وڃايان - مشتاق سعيد

## آبشار

مون اندر ڪو آبشار آ،
پياس مونکي پئي ٿي ڳولي.....!
ڇڻ تہ آهيان ساڀيان مان،
آس مونکي پئي ٿي لڳي..!
مان اندر ۾ اجنبي هان،
پو بہ ڪائي روشني هان،
جا ازل کان پئي ٻَري ٿي،
زندگيءَ جا راز بنجي،
ڇڻ هوا جا ساز بنجي،
ها مگر آواز بنجي،
گونججان تومان فضا تي،
زندگيءَ جي ابتدا تي ،
موت جي پي انتها تي،
ڪي نشان اهڙا ڇڏيان ٿو
زندگي ٿي جن کي ڳولي ،
ڪو اندر ۾ اسرار آ،
مون اندر ڪو آبشار آ،
پياس مونکي پئي ٿي ڳولي...!

*

## توَن ستارن جي ڪناري...

عشق کي مان وائکو ائين ڪيئن ڪريان؟
تون سمايل آن گهٽا گهنگهور ۾،
مون ڏٺو توکي سڄي پنيور ۾،
هر ٺري ٿي رات جا تنهن ۾ بہ آن،
ٿي وسي برسات جا تنهن ۾ بہ آن،
ساهہ کان پي آهين ويجهو
من اندر ٿي تات جا تنهن ۾ بہ آن،
تون سمايل هر جڳهہ، منظر اندر،
ڪٿ ڏسان ٿو،ٿو ملين مندر اندر،
تون ستارن جي ڪناري پي رهين،
تون تہ ندين جي لهواري ٿو وَهين ،
هي سمندر جو گجي ٿو شور سان،
لهر ۾ پي ٿو نچين تون ٺور سان،
روپ تنهنجا هي سمورا،
گيت پنهنجي ۾ ئي پريان،
عشق کي مان وائکو ائين ڪيئن ڪريان؟
*






## توَن نہ آئينءَ...

تون نہ آئينءَ تون نہ آئينءَ پَر سَکي،
چنڊ ساڳي ريت ئي اَپري پيو
سج ساڳي تاب سان نِکري پيو،
ها خبر ٿئي؟
تون جي آهين گيت منهنجا ٿا سَجَن،
سونهن تنهنجي ئي منجهان.
وار تون ڇوڙين جڏهن ٿي،
وار جي هر پيچ مان،
سِتِ ڪائي ٿو لڪان،
ها مگر،
تون جي ناهين گيت منهنجا يادگيريون،
ٿي وَسن ٿا،
سانوڻيءَ جيئن ئي گَجن ٿا،
لهر وانگي چڙ لڳن ٿا،
ذهن جي ڪنڌيءَ مٿان،
جاڳ سان ئي باک ٿئي ٿي،
گيتِ ساڳي ريت ئي اُتري پيو
چنڊ ساڳي ريت ئي اُپري پيو
تون نہ آئينءَ تون نہ آئينءَ پَر سَکي،
سج ساڳي تاب سان نِکري پيو
*

## سِڪ ...

يار تنهنجي سِڪ ۾
جيتري آهي خوشي،
ايتري آهي غمي،
۽ نمي،
جا وَسي ٿي نيڻ مان،
سائي منهنجي ساڪ آ،
دل مگر بي باڪ آ،
جا نہ جنت ٿي گهري
۽ نہ حُورن ۽ نديون،
کير ۽ ماکيءَ سنديون،
دل تہ چاهي ٿي رُڳو
روبرو تنهنجي هُجان،
سامنو تنهنجو ڪيان،
وات ڏاڍي آ ڏُکي،
جيتري آهي خوشي،
ايتري آهي غمي.
*





## جي ويا موٽيا نہ آهن

جي ويا موٽيا نہ آهن،
سال ٿيا موٽيا نہ آهن،
ڪيئن ويا ڪا ڏي ويا هِنِ؟
هِتِ هُيا جي گڏ سي،
هُتِ مليا يا ڌار آهن؟
ڪيئن چوان ڪنهن پار آهن،
پر مٽيا ماڻهوءَ سندي،
ڏات جي هئي روپ ۾ جا،
بات جي هئي روپ ۾ سا،
ٿي بقا رهجي وئي آ،
سانوڻيون جيئن ٿيون وسن ،
۽ گهٽائون جيئن اچن ،
ٻول تن جا ٿا ٻُرن ،
قول تن جا ٿا وجن،
واءُ جي هر ساز سان ۽،
تار جي هر وَهِڪ سان،
موتين جي مهڪ سان،
سي تہ ها جڻ ويا نہ آهن،
جي ويا موٽيا نہ آهن،
پر مٽيا ماڻهوءَ سندي.
ٿي بقا رهجي وئي آ.

## اسانجو جو چنڊ تون آهين

الا مان ڇا چوان توکي..؟؟
سموريون ڪائناتون ۽،
سمورا منڊ تون آهين،
اسانجو چنڊ تون آهين،
ڪڏهن اُڀرين افق تي ٿو،
ڪڏهن چمڪين شفق تي ٿو.
ڪٿي لهرن اندر لهڪين،
ڪٿي خوشبو اندر مهڪين،
ڪنارا ڪُنڊ تون آهين،
اسانجو چنڊ تون آهين،
هزارين روپ ڌارين ٿو،
هوائن ۾ رواني تون ،
حقيقت جي نشاني تون،
ڪٿي ظاهر ڪٿي باطن ،
سموري ضرب تون آهين،
سموري ونڊ تون آهين،
اسانجو جو چنڊ تون آهين،

*





## نئين صُبح جا نيايا...

جنهن وقت سمندر لهرن سان،
اڌ رات اُٿي ٿو چنڊ ڏسي ،
۽ تارن جو هي منڊ ڏسي ،
ٿي منهنجي جيءَ کي ڇڪَ اچي،
جڙ آڪاسن تان ڪا دنيا،
ٿي منهنجي ڌرتيءَ ڏي نهاري ،
مان نيل گگن تي واجهہ وجهي ،
جڙ ڪائي پرولي سوچيان ٿو،
۽ لوچيان ٿو،
هو ٻيرن جي هر ٿاريءَ تي ،
جي ننڊ پکيئڙا آهن پيا ،
ٿو چنڊ ڏسي هو ڪيئن سُتا؟؟
هي ويل فجر جو جاڳن ٿا،
۽منهنجي گيتن وانگيان هو،
ڪي گيت نيارا ڳائن ٿا،
پَرَ ساهن ٿا،
هر نئين صبح جي نياپن سان،
هونينهن نِڪورا ٿاهن ٿا،
۽ ڪيڏو قرب وِراهن ٿا،

*

## ها سنڌ وري پو ڳائبو ...

ها جئين جبل تان جهرِڻا هي،
ٿا اوچائيءَ تان هيٺ ڪِرِن،
ائين منهنجي هن حياتيءَ جا،
ٿا ڏينهڙا قبرستان وڃن ،

سازن ۾ آوازن ۾ جا،
ڏس ڪيڏي تيز رواني آ،
سو ساڳيو شور حياتيءَ ۾،
پر پل ڪن جي ئي جواني آ،

جا جوت ملي آ جيءَ اندر
ڪائي تہ شمع سان ٻاريندي،
اڌ رات اَڱڻِ جي پنڙن تي ،
ڪا چانڊوڪي سا هاريندي،

جئين رڻ تي هرڻيون ڊوڙن ٿيون،
ائين شعر ڊُڪن ٿا مون من ۾،
انڌياري ۾ ئي وڃڻو آ،
پر آگ لڳا ئي ڪا ٻن ۾،

جي ٻُورَ نمن ۾ ٻهڪي پيا،
تنهن مُند وري پو ڳائبو
آ سنڌ اسانجي جند پرين،
ها سنڌ وري پو ڳائبو
اي جند وري پو ڳائبو





## ڪير آهيان ...؟

ڪير آهيان ، ڪير آهيان؟
موت توکي چا ٻُڌايان؟
ڳِجهہ جي نظرن ڏٺو مان،
ماس جو هڪ ڍير آهيان،
چنڊ ڌرتيءَ ڏي ڏٺومان،
ڌوڙ ۾ ڪا مير آهيان،
گول ڌرتيءَ تي قِران ٿو
مان بہ ڪوئي ڦير آهيان،
ها مگر ڪا شيءِ ئي ناهيان،
پو بہ جيءَ مان جي ڦُٽن ٿيون،
آبشارن جون نديون،
سي صديون،
وهڪرن سان ڊوڙنديون،
ڪي وليون پيي گل جَهلينديون،
مان پلي ئي ڌوڙ لڄان،
سڌ ڌرتيءَ تي ئي رهندا ،
نيٺ ڪنهن کي جاڳ ايندي،
موت توکي مات ايندي،
*

## ٻچوانن جو ڇا ٿيندو...؟

مندر کي آ باهہ لڳي وئي،
ٻچوانن جو ڇا ٿيندو....؟
هر ڪنهن پنهنجي جان بچائي،
ايمانن جو ڇا ٿيندو...؟
گيان ۾ جيڪي گم هُياسي،
پوڄا ۾ ئي مڏم هُياسي،
تن ئي گيان اڌورا ڇڏيا،
ڌيان بہ ها اڻ پورا ڇڏيا،
مندر ٿي شمشان پيو پو
انسانن جو ڇا ٿيندو...؟
ائين پيو هو ٽاڪوڙو جو،
وسري ويا ٻچوان سپيئي،
ٿڙڪي پيا ايمان سپيئي،
درد تہ ساڳيا رهجي ويا پر،
درمانن جو ڇا ٿيندو؟
مندر کي آ باهہ لڳي وئي،
ٻچوانن جو ڇا ٿيندو....؟

*





## بانسري

بانسري آ ڪاٺ جو هڪڙو ٽُڪِرِ
ها مگر ڪيڏا نہ سُرَ،
ٿي ڪڍي، جنهن وقت ڪنهنجي چپ تي،
ڄڻ تہ ٿي ڇُميون وٺي...!
بانسريءَ تي چپ ڪنهنجا ٿا لڳن؟
آڱرين سان لب ڪنهنجا ٿا لڳن؟
ساز ۾ ڄڻ ساهہ ٿو پَئي،
روح جو ويساهہ ٿو پَئي،
ڪاٺ ۾ ايڏو اثر،
ڪنهن رکيو آ، ڪا خبر؟
ڪير ٿو هي ساز ڇيڙي،
روح کي رپيڙ سندا آواز ڇيڙي،
ڪير آ سو ڪير آ؟
ڪنهن مگر ڄاتو نہ آ،
بانسِريءَ جي روح اندر ڄاتونہ آ،
ساز ڪنهنجو ٿو وڄي،
راز ڪنهنجو ٿو وڄي،
ڪير آ سو ڪير آ،
ڪنهن مگر ڄاتو نہ آ،

*

## گيت ٻيهر ٿو جُڙي

هڪ سونهن آ جا ٿي ڇِڪي،
بد صورتي پڻ ٿي ڏئي،
ڪو جوش آ جو پيو ڏکي،
ڪو گيت ٻيهر ٿو جُڙي
ها سونهن ۾ پي آ اثر،
سوچيو مگر،
بدصورتي ۾ پڻ ڪشش،
ڪا ئي تہ آ،
جا آدميءَ کي ٿي ڇِڪي،
۽ روز ٿي ڏانوڻ وجهي،
ڪوئي تہ آخر ٿو ٿِڙي،
ڪوئي گيت ٻيهر ٿو جُڙي،
*





## ڇو پلا جاڳين پيو ...؟

باک ٿي مونکان پُڇي،
ڇو پلا جاڳين پيو....؟
رات پر تون ڇو پلا ناهين ستو....؟
ڇا لکيو تو ڇا لکيو؟
گيت ڪهڙو آ لکيو؟
راڳ ڪنهن لئہ ٿو رچائين ڇئو پَلا؟
واس سان وڻ وڻ وَسائين ڇو پلا؟
هي زندگي ڪي ڏينهڙا،
جا دزگذر ويندي بہ ٿي،
ها مگر ايندي بہ ٻي،
هي ٿوهرن جا ٿاڪ ڏس،
۽ هر بدن تي چاڪ ڏس،
جي ويا ڳائي اڳي،
تون پير تن جا پيو پُڇين،
جي ويا آڪاس ڏي،
تون پار تن جا پيو پُڇين ،
ڇو لکين ۽ ڇا لکين ڄاڻين بہ ٿو؟
۽ زندگيءَ جو ڪو مزو ماڻين بہ ٿو؟
اڌ رات جو هن ٻاٽ ۾،
ڪنهن لاٽ جو سايو ڪرين،
ڪنهن ڪنڌيءَ جانچين پيو
ڇو پلا جاڳين پيو؟
باک ٿي مونکان پُڇي،
ڇو پَلا جاڳين پيو....؟
*

## قوم جي تاريخ

راتِ روهيڙي جيان آ،
واسجي پَئي،
ڏُنڏ ڪوهيڙي جيان آ،
ڇائنجي وئي،
ها مگر ڪو
جاڳ سان ئي جيءُ جوڙي ٿو پيو،
۽ ولوڙي ٿو پيو
ننڊ پنهنجي،
نيڻ جي آڳر مٿان ڪي خواب سِرجن ٿا پيا،
قوم جي تاريخ جهڙا،
باب سِرجن ٿا پيا،
جاڳ پويان پاڳ آهي،
ها مگر ڪا واڳ آهي،
جا ڇِڪي ٿي روز مقتل جي طرف ،
اي دوستو ساڪي ٿِجو،
جو لکيو جاڳي اٿم،
گيت سوئي جيت آهي،
باک جو سنگيت آهي،
*





## موت ۽ مان

موت ۽ مان هڪٻئي کي،
ٿا ڏسون گُهوري تڪي،
مان بہ مُرڪي ٿو پوان ۽ هوبہ ٿو مُرڪي پوي،
ٿو چوي،
آ هلون ٻئي ديس ڏي،
ويس نئين پرديس ڏي،
ها اُتي جت،
شخص ٿي لاشخص ويندو آ عدم،
چاڙِ جو ڪجھ پيي تہ ناهي،
سوئي آهي،
جو ڏسين ٿو ڪجھ ناهي،
مان چوان ٿو موت ٿورو ترس هاڻي،
ڪجھ لکان مان،
گيت جي رهجي ويا ها،
شيخ کان سي مان لکان ٿو
پو هلان ٿو
موت ٿورو ترس هاڻي ،
ڪجھ لکان ٿو
پو هَلان ٿو
*

## برڪا

ڇو نہ برسين؟ ڇو نہ برسين؟
رات تون برڪا ٻُڏائي،
ڇو نہ برسين؟ ڇو نہ برسين؟ .
رات ڪيڏا گيت منهنجا ،
ها اُجارا،
تونا ڇڻ ها پُسارا،
موتيا پڻ منتظر ها،
ماڪ تولئہ بي صبر ها،
پل گهڙيءَ لئہ ڪونہ برسين،
ڇو نہ برسين؟ ڇو نہ برسين؟
باغ جون گليون رُنيون پئي،
ڏِسِ گهٽيون زندگيون رُنيون پئي،
تون پُسائين جا ڇپر تي،
مان بہ تَنهن تي پيرڙا ڏئي،
هر صبح جو تو هلان ٿي،
سچ نئين جي آڃيان مان،
توڪريان،
نئين سِري سان زندگيءَ کي،
تو ڏسان،
ڪيئن ڇڏيئي پيرو پُلائي؟
رات تون برڪا ٻُڏائي،
ڇو نہ برسين؟ ڇو نہ برسين؟





## شمع

تون شمع آهين مگر،
آئون تنهنجي روشني،
پاڻ ٻيئي تا رهون،
زندگي جي رازِ ۾،
هر سُريلي سازِ ۾،
هر مَدُم آوازِ ۾،
تون جدا ناهين ڪڏهن،
هت رهيس آئون جڏهن،
نانءُ توکي مون ڏنو
ڏانءُ توکي مون ڏنو
تو بنا مان ناهيان،
مون بنا تون ڪونہ آن،
رات ۾ جا سانت آ،
سانت جو تون روح آن،
مان بہ تنهنجو ئي مگر،
ڇڻ تہ پاڇو هان پرين،
تات مون ۾ تو ٻَري
ڏات مون ۾ تو ٻَري
لفظ ۾ پيي آ اثر،
تون شمع آهين مگر،
آئون تنهنجي روشني،

## آئون تنھنجي آرزو ...

تون سراپا خوشبو آن،
آئون تنھنجي آرزو ھان،
باک ويلي تون اچين ٿي،
منھنجي گيتن ۾ نچين ٿي،
ڪونيٽن جي جُھنڊ وانگي،
مون منجھان ئي جڙ ڦُٽين ٿي،
آئون توسان رچجي پو،
گيت ڪيئي جوڙيان ٿو
زندگيءَ کي موڙيان ٿو
دور اھڙي دڳ تي،
قافلا جت ويا لنگھي،
پير تن جا ئي کٽي مان،
پير اوڏانھن سوريان ٿو
مون بنا تنھنجي نہ ڪائي،
آ سڄاٽپ ٻي اجائي،
پاڻ ٻيئي ھڪٻئي کي،
ائين ڳولي ٿا لھون جئين،
بھارجي موسم گلن کي،
رنگ ڏيئي ٿي لھي،
تون ئي منھنجي روبرو آن،
تون سراپا خوشبو آن،
آئون تنھنجي آرزو ھان،





## نئين لڳين ٿي

ھر دفعي تون نئين لڳين ٿي،
جئين ڇُھان ٿو تيئن وڻين ٿي،
زندگيءَ ورجائجي ٿي،
تو اندر ئي پائنجي ٿي،
تون سراپا سونھن آھين،
جا پُراٽي ڪين ٿئي ٿي،
نينھن جي  جڙ لونءَ آھين،
جنھن  پڄاڻي  ڪين ٿئي ٿي،
مان جڏھن توسان مِلان ٿو
پل گھڙي ماٺو ٿِيان ٿو
پو وري درياھہ وانگي ،
جوش سان ٻيھر گُڙان ٿو،
ڪا وري مانڊاڻ نئين آ،
جيءَ مان جھرڻا ڦُٽن ٿا،
گيت ڪيئي ائين جُڙن ٿا،
اوڙڪون جيئن مينھن وسن ٿا،
توبنا بيڪار آھي،
ھي حياتي بار آھي،
تون ئي مونکي ڏانءُ ڏين ٿي،
ھر دفعي تون نئين لڳين ٿي،
جئين ڇُھان ٿو تيئن وڻين ٿي،

## لاٽ

آئون ڪاري ٻاٽ آهيان،
ها مگر هڪ لاٽ آهيان،
جا اندر ۾ پئي ٻري ٿي،
ها مگر ڏِسجي نہ ٿي...!
مون بدن تي ايترا چاڙهي ڇڏيا هِنِ پوش جو،
روشني جي ڪا سُهائي،
ڪنهن وِٿيءَ مان ڪونہ آ،
ٿو ڦِري آڪاس ۾ جو،
موت منهنجي تاڪ ۾ آ،
ڪنهن گهڙيءَ هو اوچتو،
وار مونتي ائين ڪندو جو،
پوش اُڏِري ڪِسڪندا پو.
روشني ئي جرڪندي،
لاٽ منهنجي آ اندر سا،
پوءِ آخر ٻَرڪندي،
۽ دنيا روشن ڪندي،
*





## جاڳ

جاڳ اسانجو جيءُ نہ جهوريو
جاڳ اسانکي سگهہ ڏني آ.
راتين جو جا تارن اُپ مان،
تڙڳي تڙڳي ايندي آهي،
ڏات اسان تي لهندي آهي،
ڪاغذ تي جڙ تارا تاڪي،
گيت انوکا ڏيندي آهي،
راتين ۾ رابيل ٽڙن ٿا،
تن جو پونرا واس وٺن ٿا.
تن جي خوشبو سان ئي مهڪي،
جاڳ جي راڻي ايندي آهي،
ڪيئي گيت اسانکي اربي،
نوا ئِي ابد جو ٿيندي آهي،
ڏات اسانجي سگهہ آ ٻٽبي،
هوءَ جا مهاڻي ڍنڍ ڪناري،
جِنجهوڪڙي ۾ جاراُٽي ٿي،
آسون ٻٽجي واسون ٻٽجي،
منهنجي گيتن منجهہ لهي ٿي،
فطرت ڪوئي چنگ آ چوريو
جاڳ اسانجو جيءُ نہ جهوريو
جاڳ اسانکي سگهہ ڏني آ.
*

## جهونو ٻڙ

جهوني ٻڙ جي پرپاسي ۾،
هي جو آهي تلاءُ پُراڻو
ٻنهي جو آ نپاءُ پُراڻو
شايد ٻئي گڏ ڄايا آهن،
گڏ سامايا آهن،
ٻڙ جي ٽاريءَ تي هڪ ڪِٽڇيءَ،
اُڏيو پنهنجو آ آکيرو
جنهَن ۾ سندس ٻار ٻچن جو
سالن کان ئي آهي ديرو
ڪالهه صبح جو هن جو ٻچڙو
آکيري مان هيٺ ڪِرِي پيو
باز ڏٺا پئي لامارا ۾،
ٻچڙي کي ڏئي جهٽ ڪٽي ويو
ڪِٽڇيءَ ڏاڍو رڙيو ڪوُڪيو
باز مٿان پئي ڏاڍو پڙڪيو
ليڪن بازي بازکٽي ويو
ٻچڙي جو هو ماس پٽي ويو
ڪِٽڇيءَ ڏاڍو ٻاڪاريو هو
ٻڙ پڻ روئي پٽڪيو،سُڏڪيو
فطرت پر خاموش رهي ۾،
قدرت پڻ خاموش رهي،





## مُحبت خود خُدا آهي

محبت جو خُدا ڪونهي،
محبت خود خُدا آهي،
محبت جو نہ ماپو آ،
محبت جيءَ جياپو آ،
جسم ناهي صدا آهي،
محبت خود خُدا آهي،
اياڻا تون تہ ماپين ٿو
مگر توکان نہ ماپي ٿي،
وضاحت ڪيئن ڪندين تون ڇئو
اها ڪنهن کان نہ ماپي ٿي،
نہ ٿي محدود سا ٻڌجي،
نہ ئي ڪنهن حد ۾ ٿي رهجي،
اها هر رنگ ۾ ٿي رچجي،
اها سازن سُرن سِرِجي،
اها فطرت ۾ ٿي سَججي،
اها ڪنهن کان نہ ٿي ٿمجي،
اها جَهل سان نہ ٿي جهلجي،
اها دل جي ڪَٿا آهي،
محبت خود خُدا آهي،
محبت جو خُدا ڪونهي،
محبت خود خُدا آهي،

سنڌ سلامت

## چنڊ سان وير

هي جي چمڙا اونداهين جا،
تن جو چنڊ سان وير ازل کان....!
پاڻياريون ٿيون تڙڪا جانچين،
تڙ تڙ چنڊ سُهائي جرڪي،
هرڻيون اوچي ڳاٽ اچن ٿيون،
تل تراين باک پنيرڪي،
هر هڪ وک تي چنڊ چٽي ٿو





سنڌ سلامت

چانڊوڪيءَ جي چٽسالي آ،
ٻاٻيها سپ ٻهه ٻهه ڪن ٿا،
چيٽن جي هي هريالي آ،
ليڪن هي جي چمڙا آهن،
اونداهه ۾ اونڌا لٽڪن ،
ٻڙ جي جهوني سُڪل ٿُڙ ۾،
هو جو ويٺل چبرا آهن،
تن جو ساٿ نه چانڊوڪيءَ سان،
چنڊ تي تن جو خار وڏو آ،
اونداهه تي عار وڏو آ،
ٿر جي نريل واريءَ تي پر،
ٿولن پويان ٿولا آهن،
تن جي هٿ ۾ شعلا آهن،
واهوندي جو واءُ وري ٿو
چانڊوڪيءَ سان چاڳ ڪري ٿو،
چمڙا ڪنڌ لَمائن ٿا ۽،
چبرا منهن لڪائن ٿا،
چٺونرو چٺونرو چنڊ سان چَمَڪي،
اونداهه جي آڙ ٽٽي ٿي،
چبري جي چنگهار اُٿي ٿي،
جن انڌيري هير ازل کان،
تن جو چنڊ سان وير ازل کان
*

## ٽين دنيا

ٽين دنيا جا ٻکيا ماڻهو
خوابن جا پيي لاش کڻن ٿا...!
مانيءَ جي هڪ ڳيري لاءِ،
پنهننجو رت ۾ ماس ڏين ٿا،
ٽين دنيا جا ٻکيا ماڻهو
خوابن جا پيي لاش کڻن ٿا...!
تن جا هٿ گَسي ويا آهن،
تقديرن جي تحريرن مان،
تن جا نالا مٽجي ويا هِن،
هي جي اوچي ڳاٽ هلن ٿا،
تن جو من ولوڙا کائي،
تن جي ڪا تقدير نہ آهي،





چُرندڙ پُرندڙ لاش ٻڌيا هِنِ ،
پنهنجون قبرون پاڻ ٻڌيا هِنِ،
ڦُٽيا ٿن تي پيير ڊگهيري،
ڪن پل اڪ جهپائن ٿا،
تن جو ڄڻ تہ خدا ئي ناهي،
آدم چو سڏرائن ٿا ....؟
ها هو رت جو الٿيون اوڪِين ،
هانپارن سان ساهہ کڻن ٿا،
ٽتيءَ ويلي ٻوريون ڊوهي،
رازق تان ويساهہ کڻن ٿا،
جانچي ڪنهن پل سي تہ ڏسو ڙي،
دنيا وارا هي تہ ڏسو ڙي،
هي جي ڌرتيءَ مالڪ آهن،
پونءَ سڀيءَ جا خالق آهن،
تن جا ننڍڙا ٻالڪ آهن،
انگ اگهاڙا واجهائن ٿا،
ماني ڪارڻ ٻاڏائن ٿا،
جهول جهلي هر غير جي آڏو
لوئن ٿا ڄڻ غيرت پنهنجي،
هيٺا جهيٺا لڙڪ ٽِمن ٿا،
ٽين دنيا جا ٻکيا ماڻهو
خوابن جا پيي لاش کڻن ٿا..
*

## سمنڊ جي سِير ۾

سمنڊ جي سِير ۾ سڄ ساڻو ٿي لٿو
ڄڻ تہ ڪنهن ٻيٺ تي انجلي ليٽي پئي...!
لهر پيي ساز ڪو ڇيڙيو هو سانجهہ ۾،
رات ٿرندي رهي ،سِپن موتي ميڙيا،
ڪوس ڇوليءَ جي ڄڻ ڪلي ليٽي پئي،
ڄڻ تہ ڪنهن ٻيٺ تي انجلي ليٽي پئي...!
را ت جي سانت ۾ سمنڊ ڪوڏا جاڳيا،
ڪو تہ ٿو ڏيئڙو دور ڏرتيءَ تي ٻَري،
ڪو تہ تنهن اوٽ ۾ گيت نيارا ٿو لکي،
لوڪ آ ننڊ ۾ ڪو تہ جاڳي ٿو پيو،
عڪس آ چنڊ جو لهر تي ترڳي پيو،
شاهنبدر تي مگر گانگتن جوشور آ،
باڪ جي ساڪ تي رات پيي گهنگهور آ،
لاش جي بانس تي چنڊ اُبڙڪا ٿو ڏئي،
رات ماريا ويا جي ڳلان جي ڪوٺ ۾،
تن شهيدن اوٽ ۾،
چنڊ پيي ٿو چوي،
هو وري اُپرندو جو لٿو ڪاٺوٽ ۾،
ڪالهہ جو سمنڊ تي سڄ پُراڻو ٿي لٿو
ڄڻ تہ ڪنهن ٻيٺ تي انجلي ليٽي پئي...!
شور ۾ شهر جي هر گلي ليٽي پئي...،
سانجهہ جو پهر ڄڻ مڏ هاڻو ٿي لٿو
سڄ ساڻو ٿي لٿو
ڄڻ تہ ڪنهن ٻيٺ تي انجلي ليٽي پئي...!





## صدا

ڪُڙمي پنهنجي اَنَ ڪَري مان
داڻا ڏي ڪي، داڻُ گهران ٿو،
سيد ناهيان،
ڏَنِ نہ گهرجي،
مان تہ مسافر پيادو آهيان،
جوڳين پويان نڪتو آهيان،
هو جو مونکي ڪالهہ چڏي ويا،
ڄڻ لڳي ٿو سال ڇڏي ويا،
پيرين پنڌ الهندي ايندي،
بُک بنايو نِستو آهيان،
ڪٺي نہ آيو ڪِستو آهيان،
سيد ناهيان،
ڏُنِ نہ گهرجي،
مونکي تنهنجي اَنَ ڪَري مان،
ٿورو ٿو بس اَنِ ئي گهرجي،
*

## شاعري

ڪهڙو رَمتو اچڻو آ تون؟
ڪنهن لئہ وِلهہ سان ائين وسين ٿي؟
ڇيرون پائي ڇم ڇم ڇمڪين،
آڌيءَ آڌيءَ رات سَجين ٿي،
ڇا ڪو توڏي ڳَن ڏري ٿو؟
چيخ نوا جي پڙلائن تي،
ڪير تہ اُپري اوٺ وري ٿو؟
هر ڪنهن ڳَنَ ڪپهہ آ پريل،
هر هڪ آدم ڇيڙا سبيل،
ڪنهن جي ڪارڻ ڪوُڪ ڪرين ٿي...؟
رات لڙيءَ جوائين ٻُرين ٿي،
ڪنهن جي پويان شاعري تون ،
آڌيءَ رات جو ائين ڊُڪين ٿي...؟
ڪنهن جي آخر ساک رکين ٿي،
ڪنهن لئہ ايڏا پنڌ ڪرين ٿي،
ڪنهن جي پويان شاعري تون ،
آڌيءَ رات جوائين ڊُڪين ٿي...؟
ساهہ سپن جا سينواريل هِنِ ،
ڪوبہ نہ توکي ورنائيندو
ماڪ وسي ٿي مايوسيءَ جي،
ڪوبہ نہ توڏي ڳَنِ لائيندو.
ڇا لئہ ايڏي ٻوڙ وِجهين ٿي؟
هاڻ سمهي پئو هاڻ سمهي پئو
ڪنهن جي پويان شاعري تون ،
آڌيءَ رات جوائين ڊُڪين ٿي...؟


www.sindhsalamat.com



## آڌيءَ رات

آڌيءَ رات چنبيليون ناهن،
ڏڳندا ڏڳندا ٽانڊا آهن،
جن کي جاڳ لڳي آ جيءَ ۾،
تن جوڳين جا جلوا آهن،
تارن تڙڪا واس نہ پاسن،
اُماڙيون ۽ شعلا آهن،
مونکي مهڪ نہ جاڳايو آ ،
ٻرندي ڪوُريءَ ٻاڪا آهن،
ڏرتيءَ دانهون دَهلائن ٿيون،
ڪيئي پُڪارون تڙپائن ٿيون،
تن ۾ ازلي پيڙاءُ آهي،
ڪونجون جي هوڪُرلائن ٿيون،
رات اُٿي انڌياٽي تيءِ،
ڳوٺ ڳلين ڇئو واٽي تي جي،
گيت اويرا ڳايان ٿو مان،
ڇا تہ سويرا ڳايان ٿو مان،
ڇيرون، گهنگهرو پايان ٿو مان،
جَرَ کي ناچ نچايان ٿو مان،
تن جو ڪو هت ديرو ناهي،
سي تہ اُڏاڻا ڏور افق ڏانهن ،
تن کي ڪئين ٿَرسائيندين تون؟
منهنجا پير ڳَنائيندين تون،
سانوڻ رُت جي وسڪاري ۾،
مونکي رچيل پائيندين تون،


www.sindhsalamat.com

## هرڪو موتي اڇٽو آهي...

جهرڪيءَ جيڪي چُونڊي ميڙي،
ڪک سمايا آکيري ۾،
واڇوڙن جي وَٽ سَٽ سان سڀ،
اُڏري ويا سي هر پيري ۾،
ڇا لئہ تن سان ائين ڪرين ٿو؟
اُڏري اُڏري ڪِٿ ڪِرن ٿا،
جِت ڪرن ٿا،
ٻي ڪنهن جهرڪيءَ جي ٻچڙن جي،
اوٽ ٿين ٿا،
نئين سِرِ نئين آکيري اُڏجي،
ٻيهر ڪنهن جو ڪوٽ ٿين ٿا،
واڇوڙن ۾ ڪک پنن جو
آهي ازل کان سانگ اهوئي،
ڦيرو ساڳيو ڦِرٽو آهي،
تاريخن ۾ تهذيبن جو
وارو ور ور ورٽو آهي،
هرڪو موتي اڇٽو آهي،
روپ نئين ۾ راڳ نئين سان،
راڳي ساڳيو رهٽو آهي،
*





## ڪُوڪ ڪيڏي آ ڏُکي

ڪُوڪ ڪيڏي آ ڏُکي وارياسي جي مٿان،
تو ٻُڌي يا ڪين آ ؟؟
بادلن کي ٿي سڏي،
ٿي چوي،
اي گهٽا برسي پئو،
سنڌ ساري آ اجاري،
چند گهڙيون ترسي پئو،
جڳ جاڳي پيو اڃا هت پياس ۾،
هو هليا جي ڪالهہ ويا سي،
ڪاتہ امرت ويا سمائي،
بادلن جي اوٽ ۾،
شعور جي هيڏي وڏي هِن ڪوٽ ۾،
اِمرتون اوتي ڏيو،
بادلو برسي پئو،
جو سِلو هو مس ڦٽو سو،
ويو ڪلر جو ور چڙهي آ،
آبياريءَ جي اٽاس بہ ايڏي ڏکي....!
جَڙ مٽيءَ ۾ تن ٻجن جي وئي سڙي آ،
پونءَ کي اڄ گل ڳاڙها ٿا کپن،
واس سان واسيل واڙا ٿا کپن،
پهر پوبون ڪُوڪ مُرجهايل لڳي ٿي،
واءُ جي سوساٽ ۾ دٻجي متان
ان کان اڳيان،
اي گهٽا برسي پئو،
چند گهڙيون ترسي پئو،
اِمرتون اوتي ڏيو.

## دنيا هڪڙو وڻ آ

ساري دنيا هڪڙو وڻ آ،
جنهن ۾ ماڻهو ائين جيئن گُلڙا...!
سيني جي جڙ ساڳي آهي،
تاريون تاريون ساوا پنڙا،
پاڙون ۽ ٿڙ ساڳي آهي،
ها پر پوپي هي سپ ماڻهو
هڪٻئي لاءِ جڻ اڻ ڄاڻو





ڪيڏا گهاتڪ وِيڇا آهن،
عقل عقيدي جي پل پُوتي،
ڪيڏو ڏورانهن بيٺا آهن،
هي جي طبقا طبقا آهن،
هڪڙا ماڻهو ننيڙا آهن،
هڪڙا ماڻهو وڏڙا آهن،
تن جي وچ ۾ ويڇا آهن،
ڪئين سرحدون جُڙيون آهن،
ڌرتيءَ تي ڏس ليڪا آهن،
ڪئين سرحدون جُڙيون آهن،
انسانن ئي انسانن سان،
ڪيڏويون ويڙهيون وڙهيون آهن...!
ڇا ڪنهن سمجهيو؟
ڇا ڪنهن سوچيو؟
هڪٻئي جو رت وهائڻ لاءِ،
ڪئين ترارون گهڙيون آهن...!
نفرت ايڏي سستي ٿي آ،
محبت لاءِ وقت نہ ڪنهنکي،
ڪاش هتي ڪوائين بہ سوچي،
انسانن جو ساڳيو ڄَڻ آ،
دنيا ساري هڪڙو وڻ آ،
جنهن ۾ ماڻهو ائين جيئن گُلڙا،
*

## اي خدا...

اي خدا تون پاڻ طبقن ۾ ورهائجي آن ويو....!
ڪٿ ڏِسون مندر اندر ويٺو آهين،
جان ڏسون مسجد اندر ديرو اٿئي،
ڪنهن سَمي ڏسجي ٿوگرجا گهر تنهنجو
ڪنهن ڪليسا ۾ بہ آڪيرو اٿئي،
ائين ڏسي توکي هتي،
آدمي آ اوپرو ڄڻ،
ائين ڏسي توکي بہ طبقن ۾ ورهايل،
آدمي پيي آ ٽٽي ويو آدميءَ کان،
اي خدا تون ڊاهي پَٽِ ڪر،
مسجدون هي سڀ ڪليسا ۽ مندر،
تون بہ هڪڙو جوڙ گهر ،
آدمي کي آدمي ڳَرِ،

*





## ذهن جو پيالو

ڀرين ذهن جي پيالي کي،
ٿورو ٿورو خالي ڪر،
ذهن سرءُ جو واءُ اٿئي،
تنهن ۾تون هريالي ڪر،
مون وٽ جيڪي موتي هِنِ،
تن کي ٿوري جاءِ ڏئي،
ذهنن تان زنگ لاهي ڏي،
وسمئہ جي اسرارن جو
توکي ٿو مان دانِ ڏيان،
آڌي رات جي تارن جو،
توکي ٿو ايمان ڏيان،
مان ڪو اونهو نينڊوهان،
مون ۾ ڪيئي موتي هِنِ،
آد جُڳاد کان جوتي هِنِ،
مِيران جو يڪتارو هان،
مُرڪان جو مان گيت بہ هان،
آءُ تون مون ۾ رلجي وڃ،
ساک ازل جي ٻنجي وڃ،
جنم جنم جي رازن کي،
موت سندي اسرارن کي،
سمجهڻ چاهين ٿو تون جي،
ڀرين ذهن جي پيالي کي،
ٿورو ٿورو خالي ڪر،

*

## ترسو ترسو

ترسو ترسو ٿورا گل،
پوکيان پنڌيءَ پاسي ۾،
ايڏا ڇا جا آهن هُلَ؟
هي جا ٻيڙي پار وڃي ٿي،
تنهن ۾ مان بہ تہ هلڻو آهيان،
اهڙي ڪاري پونءَ نگر ڏي،
ها ها مان بہ تہ اُسهڻو آهيان،
ڪوبہ جتان ڪان موٽيو ناهي،
ليڪن ٿورو ترسو ڙي،
ترسو ترسو ٿورا گل،
پوکيان پنڌيءَ پاسي ۾....!
هي جي وڻ ٽڻ پوکيان ٿو مان،
تن ۾ نيٺ ڇُهارا ٿيندا،
ڪيئي گونچ ڦُلارا ٿيندا،
تن جي ڇانو ٿڌيءَ ۾ ويهي ،
ٿَڪ تہ پڇندا ڪيئي نسل،
ترسو ترسو ٿورا گل،
پوکيان پنڌيءَ پاسي ۾....!
*





## ماڻهوءَ جو ماس

ماڻهوءَ جي هن ماس جو
ملهہ ئي ڪهڙو آ ڀلا....؟؟
راتين جي هن سانت ۾،
قبرن ڪوليو وات آ،
سونهن جواني ساعت آ،
مٽيءَ ۾ سڀ خاڪ آ،
رهندا باقي ڀاڇلا،
ماڻهوءَ جي هن ماس جو
ملهہ ئي ڪهڙو آ ڀلا....؟؟
ويم گهر جي وارڊ ۾،
رت ٻلين جو ڪاچ آ،
بم ڌماڪن گونج ۾
چٿڙيو ماس ۽ ڀاڄ آ،
مرده خاني ماس جي ،
ڪيڏي ڇُپندڙ ٻانس آ،
سڀ وڃن ٿا سانت ۾،
ڏورانهين ڏانهن قافلا،
ماڻهوءَ جي هن ماس جو
ملهہ ئي ڪهڙو آ ڀلا....؟؟
خوابَ، نڪوريون آرزو
جذبن جي ئي جاڳ ٿي،
رهندا ٻڻجي سلسلا،
ماڻهوءَ جي هن ماس جو
ملهہ ئي ڪهڙو آ ڀلا....؟؟

## وئشيا

هر وئشيا هڪ دل رکي ٿي...!
جنهن ۾ هڪڙي آس پَلي ٿي،
هن جا پي کي خواب هجن ٿا،
جن تي روز عذاب هجن ٿا،
ڪوٺي تي جي ساز وڄن ٿا،
تن تي راتيون رقص ڪري ٿي،
هر وئشيا هڪ دل رکي ٿي...!
هُن جي جوڀن سان جي ڇنبڙن ،
نوچي نوچي ماس پَٽين ٿا،
سي ڇا احساس کي ڄاڻن....؟؟
ڪنهن جو پيٽ ڳپي جي خاطر،
نها نئينءَ ڪان هيٺ وِڪي ٿو
راتيون ساريون ائين پَٽجي ٿو
هن جون ڪجليون اکڙيون ڪائي،
ڪوري ڪوري آس رکن ٿيون،
راتين جي ڪاراڻ اڇي ٿي ،
مانيءَ خاطر پنهنجي تن کي،
غيرن آڏو ها وڪڻي ٿي،
پر وئشيا پي دل رکي ٿي...!
هر وئشيا هڪ دل رکي ٿي...!
*





## تاريخن جا ڇاڪ

ڪا سڏي ٿي راتڙي،
باک جو آهي پرم،
روز ٿا ديپڪ جلن،
دور ڪيڏو آ ڏکهو
ڇاڪ تاريخن ڇِڪيا،
جي پُراڻا گهاوَ ها،
روز ويتر ٿي کُليا،
پَرَ ڇُٽا سي ڪين ڪي،
پوپ هاري ٿو اُٿي،
رات آڏيءَ جو ٻنيءَ،
۾ بيچارو ٿو ڇَٽي،
نيٺ سو ڦٽندو سِلو
آ انهيءَ کي حوصلو
تن ۾ آ تاتڙي،
باک جو آهي پرم،
*

## زور جي ميندي

زور جي ميندي رنگ ڪندي آ،
مينديءَ جي هي فطرت آهي،
ان جي پنهنجي قدرت آهي،
هئين لڳي يا هونئن لڳي پر،
ان جي پنهنجي رنگت آهي،
ڇو ٿو مونکي ڀڪائين تون؟
ائين چوين ٿو زور جي ميندي،
رنگ ڪڏهن ڀي ڪين ڪندي آ،
تون تہ اهوئي ساڳيو آهين،
جنهن تي ٻُڏايو قسمت آهي،
منهنجي گهر ۾ فاڪا فاڪا،
تنهنجي گهر ۾ دولت آهي،
ڇا هي منهنجي قسمت آهي؟؟
ڪوڙا ڪوڙا قول نہ ڏي تون،
خالي سڪٽا ٻول نہ ڏي تون....!
*





## جيءَ پئي ٿم جاڻ

تارا تارا اُڀ تي، ٽڙڪا ٽڙڪا ڳهاٽ،
جيءَ پئي ٿم جاٽ،
واهوندي جي واءُ تي، ٿارين ۾ ٽڙڪاٽ،
جيءَ پئي ٿم جاٽ،
ڪولهي ٽڙ تي ڪولهٽيون، وهنجي چنڊين وار
جيءَ پئي ٿم سار،
ساگر ساگر ساهہ سان، لهرن ڪئي لهڪار،
جيءَ پئي ٿم سار،
هي جي هرٽيون جُوءَ تي، واريءَ جو ويراڳ،
جيءَ پئي ٿم جاڳ،
من تپي ٿو ماٽهئان، ايڏي آڳ ڏهاڳ،
جيءَ پئي ٿم جاڳ،
*

## ملڪيت

هوءَ جا منهنجي گهر جي ڪُنڊ ۾،
ڪاٺي جي هڪ پيٽي هُئي،
تنهن جو تالو ٽڪ سان ٽوڙي،
جهٽ ۾ جهڙتي ورتي وئي،
ڇا تہ مليو....؟
ٻونهاٽيل ڪجھ سپنا مليا،
گيت اڌورا پنا مليا،
هو جي ورديءَ وارا ماڻهو
منهنجي گهر ۾ ٺوڪي آيا،
در اُکيڙي ڪنداقن سان،
ٺوڪي آيا،
مون جي ڏرتيءَ گيت لکيا ها،
آزاديءَ جا ميت لکيا ها،
تِن تي تِن ڪي باھ لڳي هئي،
بندوقن سان جهوڪي آيا،
ڇا تہ مليو....؟
ٻونهاٽيل ڪجھ سپنا مليا،
گيت اڌورا پنا مليا،

*


www.sindhsalamat.com



## ماڻهوءَ جو اندر

هر ماڻهوءَ جي اندر ۾،
هڪ سهڻو مندر ٺيندو آ،
جو اُن جو گهنڊ ٻُڌي نہ سگهيو
سو پنهنجو پيد پڙهي نہ سگهيو
جنهن من جي مورت ڪين ڏِٺي،
تنهن لاءِ پٿر جي صورت آ،
جنهن من جو آ پڳوان ڇڏيو
تنهن لاءِ پٿر جي مورت آ،
پل گهنڊ وڄائي گوڙ ڪري،
ءِ راتو ڏينهان ويد پڙهي،
پر ڇا ڄاڻي.
سونهن اندر ساڃاھ بہ آهي،
نياءَ سان انياءُ بہ آهي،

*


www.sindhsalamat.com

## چنڊ ستارو ناهيان

چنڊ ستارو ناهيان مان جو،
اُپ تي ائين سجايو ويندس،
مچ اُماڙو ناهيان مان جو،
ٻوُنگيءَ ۾ ٻڙڪايو ويندس،
موکيءَ مٽڪو ناهيان مان جو،
راتين منجهہ رچايو ويندس،
مان تہ تنبورو تارِن بن جئين،
مان هان مارئي مارِن بن جئين،
مان تہ مِٽيءَ جو پُتلو آهيان،
مٽيءَ ۾ دفنايو ويندس،
منهنجو ماس مٽيءَ ۾ ڌبجي،
سڙجي ڳرجي سَمجي ويندو،
سالن ڪانپوءِ ٻارڻ ٿيندو،
اُن تي ڪيئي ڦيٽا ڦِرندا،
ائين روان ٿي وقت وري هي،
روزاني جئين هلندو رهندو،
اوکي پند ڏي رَمندو رهندو،
*



ڪينرو ڪيسين وڇايان - مشتاق سعيد

## ڇانورو

گدامريءَ جا وڻ واهہ جي ،
ڪپر مٿان لامون لاڙيئي،
نہ ڇانوَ ٿي گهرجي،
مَڇين کي تنهنجي،
مسافرن کي تون ڇانوَ ڏي،
جي ڪافلا نڪتا واٽ تي،
تن جوڳين کي ڪا واٽ ڏي
ڪنهن لام کي اوڏانهن لاڙتون،
ڪنهن ڇانوَ کي اوڏانهن تاڙتون،
نہ واهہ کي ڏي تون ڇانورو
ٿڪايلن،
جي ساهہ کي ڏي تون ڇانورو
*

## لُڪَ ڪنهن کي لڳي....؟

لُڪَ ڪنهن کي لڳي....؟
لوهہ ٿيو ڪير آ...؟
هِت رڳو نيڪيون تارزيءَ ۾ ٽُرن،
سونهن جون صورتون دوزخن ڏانهن ڏِڪِن،
آ ثوابن منجهان ،
پاپ جي ڪا گَلي،
ڏوهہ ٿيو ڪير آ....؟
لُڪ ڪنهن کي لڳي...؟
لوهہ ٿيو ڪير آ...؟
سانورا توبنا جنتون ڇا ڪبيون؟
مڏ جي ناهِ ڪو محبتون ڇا ڪبيون؟
ٿورڙو سوچ تون ،
پِيالِڙي ڪنهن پيِي،
موهہ ٿيو ڪير آ...؟
لُڪ ڪنهن کي لڳي،
لوهہ ٿيو ڪير ...؟

*





## آس

هي اُهائي آس آ ، جا سپيءَ ۾ ٿي سَجي ،
ڪاتہ ڪڻ ڪڻ هِت وسَي،
جا اندر ۾ ٿي هُري، جا مشعلون ٿي ٻَري،
جا چڪي ٿي قافلا،
جي گهٽائي فاصلا،
زندگي آهي مگر ، سلسلوڪوساهہ جو،
اڻ ڏٺي ويساهہ جو
روز ٿا جذبا جلن ،
گيت ڪئيي ٿا اُڏن ،ڏور تارن جي طرف ،
پو بہ هي جي بي ظرف،
ڪوئي واڪو ڪِئين ٻُڌن ؟
روز ٿا خنجر تَپن ،خون جي ڪا پياس آ،
ها مگر هڪ آس آ،
۽ گواهہ آڪاس آ،
گل جهڙا ٿا لکون، گيت جي پُرِتاب هِن،
امرتي ڇڻ آب هِن،
نوع آدم لئہ مگر ،جام محبت ٿو رچي،
ها اهائي آس آ، جا سِپيءَ ۾ ٿي سَجي،
ڪا تہ ڪڻ ڪڻ هِتِ وسي،
ڪوئي موتي جوڙ جي....!

*

## گرجا گھر

ٿوروتيز ڳالهائي تون اي فادر گرجا گهر ۾،
منهنجي سَرتي ويٺي آهي منهنجي من اندر ۾،
هوءَ بہ توکي ٻُڌندي هوندي،
هوءَ بہ ڪنڙوڏيندي هوندي ،
ها هوءَ منهنجي محبت کي فرسوده سمجهي،
مون تي ڪوئي ڏيان نہ ڏئي ٿي،
منهنجي سِرِ جيل محبت کي هوءَ،
چريائيءَ جو خواب سڏي ٿي،
مان جي هُن لئہ گيت لکان ٿو
تن کي هوءَ بيڪار چوي ٿي،
هُن جي من جي پنهنجي ڏُن آ ،
تاڙن جي جا توتو اُپري،
ان ڏي هُنَ جو مورِ نہ ڪَنِ آ ،
ليڪن تون جو اي فادر هِتِ،
محبت جي سمجهاڻي ڏين ٿو
شايد تنهنجون ڳالهيون سمجهي،
سوچي ويهي پنهنجي پر ۾،
ٿوروتيز ڳالهائي تون اي فادر گرجا گهر ۾،
منهنجي منڙي ويٺي آهي منهنجي من اندر ۾،
هوءَ بہ توکي ٻُڌندي هوندي،
ٿورو پَرَ سوچندي هوندي،






## ٽون هليو ويو آن

اجا تہ ٻاکون پڪيون ئي ناهن،
اجاتہ ڪيلا رسَيائي ناهن،
مگر پرين تون هليو ويو آن،
اسانجي هِجري کان ڏور پَرِيان،
هرڻ جون چالون اجا ٻُڪن ٿيون
اجا تہ آهڙتپي ڪِرن ٿا،
اَڳِنِ جا پنا اجا تپن ٿا،
اجا تہ بهارون وريون ئي ناهن،
اجا تہ سَرڙا ڳپيائي ناهن،
مگر پرين تون هليو ويو آن،
هي خام جيون چڪيءَ تي چاڙهيئي،
پچي پڪو ٿيو صُراحيءَ وانگي،
انهيءَ ۾ مڌ ڪوپَريو ئي ناهي ،
لڳي ٿي اوڪڙ ٻسيون هوائون،
اجا تہ ماٺا متائي ناهن،
مگر پرين تون هليو ويو آن،
مگر پرين تون هليو ويو آن،

*

## ڇُرو

ڪو قابيل جي هٿ مان ڇُرو ڪسي،
ڪوهابيل جي ڦٽ تي ڀورڪي،
ڪو انسان پيي اهڙو ڄمي پئي،
جو انسان جي عظمت سگهي ٻسي،
۽ مهنديءَ جي رنگ سان ڇڏي لڪي،
ڪو مُنڍ سان نئون شُجرو
ڪو آدم نئون پنڙو ڄڻي وٺي،
۽ ڪائي حوا جي ڌيءَ نہ مارجي،
سڄي دنيا سنوارجي،
نئين دنيا اُجارجي،
ڪو قابيل جي هٿ مان ڇُرو ڪسي،
ڪوهابيل جي ڦٽ تي ڀورڪي،
*





## ٻَروڙي نہ ڄاتم

ٻَروڙي نہ ڄاتم اهي رنگ تنهنجا ،
ڪٿي ڪائناتون ڪٿي دنگ تنهنجا،
خدايا تو ڪهڙو فڪر هي ڏنو آ...؟
نمازون پڙهي پو اُٿي جو هلياسين،
شرابن جا پاٽا اُتي ئي ڏٺاسين ،
جتي ئي هئاسي سفا سُڪَ ساڪن،
نظر ۾ نہ ڪائي خماريل جهلڪ هئي،
۽ دل ۾ نہ ڪائي اَچاتي جهجڪ هئي ،
مگر مڌ مان جو ڇُڪو پي اٿياسين ،
تڏهن مسجدون پيي اکين ۾ لُڏيون پئي ،
قدم لڙ ڪڙايا،
سيئي وحدتون پيي اکين ۾ لُڏيون پئي،
اهو ڇا فرق تو رکيو بندگيءَ ۾....؟
اسان کي جو آهي اثر پاڻ ۾ پئي ويو
انهي لا ڇون ٿا وڏو پاپ آهي،
وڃون مسجدن ڏي يا ساقيءَ جي ٻَرِ ۾؟
خماريل خوشي آهي ڪنهن جي اثر ۾؟
مگر راز تنهنجا اسان لئہ نہ سَهنجا،
ٻَروڙي نہ ڄاتم اهي رنگ تنهنجا ،
*

## سمجهو

سنا نہ سمجھو بُرا ئي سمجھو
اسانجي محبت قضا ئي سمجھو
وفا اسانجي جفا ئي سمجھو
دعا ڪريون تہ بہ دغا ئي سمجھو
فخر اسان کي تڏهن بہ آهي،
قدم بہ ٿي ڪي اوهان سان گڏجي ،
هليا ڦريا ۽ گهميا بہ آهيون،
ڪلهو ملائي اوهان سان گڏجي ،

اوهان ۾ ڪا شيءِ ڏني اٿئون جو
هٿن سان دلڙي ڪُٺي اٿئون جو
ويو آ پنهنجو وجود وسري،
خدا جي آڏو سجود وسري،
اوهان ۾ پنهنجو پساهہ ٿا پائيون،
جدا ڪري ڪٿ وڃي نہ ڇڏجو
قسم اوهان کي اوهان جو آهي،
اسان کي در تان ڌڪي نہ ڇڏجو

اسان جو جيون خزان جون ٿاريون،
اوهان ٿا ماڻيو رڳو بهاريون،
اوهان جي لاءِ حَسين سپنا ،





اسان جي لاءِ اکيون اوجاڳا،
نہ جوڙ لائق اسين لڳون ٿا،
مگر تڏهن پي ڪڏهن ڪڏهن ئي،
بہ ٽي گهڙيون ڪي اسان سان گهاريو
اچن جي يادون جڏهن جڏهن پي،

نہ چانڊني آ اوهان سواءِ،
نہ روشني آ اوهان سواءِ،
نہ چيٽ جا گل ڏسي سگهون ٿا،
اُماس راتيون رڳو ڪٽيون ٿا،
آ جهوپڙيءَ ۾ ننڍو ڏيئو ءِ،
قلم اسان جي هٿن ۾ آهي،
نہ شاعري ٿي سمهڻ ڏئي ٿي ءِ،
پيا گيت لکجن پئي ڏات گهائي،

جڏهن بہ تاڙن تنوار ڪئي يا،
وِڇن بہ وڄندي ولهار ڪئي آ،
جڏهن بہ لهرون ڪپن لڳيون يا،
چُراند چنگ سان ڏنار ڪئي آ،
جڏهن بہ ساون وٽن مٿاران ،
حَسين چنڊ جا پون ٿا چلڪا،
چوي ٿي دلڙي ڪو راڳ ڇيڙيون،
رڳو پيا ڳايون اوهان جي ڪِوتا،
*

## شرافتَ جي پويان

ٿَڪي جي عزت آ اسان جي هٿي پر،
سڏايون ٿا خود کي وڏا ڪي تونگر ،
پُڇي پل نہ ڪوئي لئہ سان هلون ٿا،
پنهنجو پاڻ تي آڪڙيا ئي وتون ٿا،
ڏڪا پيا جهليون ٿا اجان پت جي پويان،
لڪايون پيا خود کي شرافت جي پويان،

ڪِلي مُرڪ سان "جيِ ادا" جو ڪري ٿو
اسان جي ئي پويان گِلا سو ڪري ٿو
ذري جو نہ ڪنهن کي ڏني ئي وٺون ٿا،
مگر پِو بہ ڪيڏيون نہ ٻانهون هٽون ٿا،
افعالن ڪيو آ حقارت جي پويان ،
لڪايون پيا خود کي شرافت جي پويان،





ڏسون ڪائي وئيشا يا شريفن جي عورت،
تڪيون نورَ وانگي چڙي ڏيون ٿا غيرت،
سڀَي پيڻ ماءَ نياڻي وساري،
ٿَرُو چور وانگي چتائي نهاري،
اتان ئي لڳون ٿا شرارت جي پويان،
لڪايون پيا خود کي شرافت جي پويان،

اسين خاص چمچا وڏي پِير ميرن،
اميرن سندا ۽ وڏيرن وزيرن،
چغل خور آهيون نہ پنهنجا ڏسون ٿا،
ٿَگَن جي تہ عيوض ڪهائي چڙيون ٿا،
سڄو ڏينهن آهيون عداوت جي پويان،
لڪايون پيا خود کي شرافت جي پويان،

اسان پاڻ خود کي ڏياريون ٿا ڌوڪا،
مُلان جي تعويذن سندا ڏيون ٿا هوڪا،
اسان پاڻ مرشد کي گهر ۾ ويهاري،
ننگ پنهنجا تن جي چڙيون ٿا سهاري،
انڌا آهيون تن جي ڪرامت جي پويان،
لڪايون پيا خود کي شرافت جي پويان،

*

## قوم جون ڳالهيون

پوڙهو پيءُ  سگهي نہ كمائي، پٽ وڏو ٿيو ليڊر آهي،
مزدوريءَ ۾ لئہ ٿي گھٽجي، مِيرن جهڙا خيال پچائي،
گهر ۾ خالي هنڊا ٺالهيون، ڇا تہ كيان هن قوم جو ڳالهيون،

كاٽن كپڙو جيئن آ نكتو هر كنهن پِني سِني ورتو،
ڦوكيل كپڙو جيكو پائي، پورهئي كي سو هٿ نہ لاهي،
پيٽ نہ پرجي كتا پاليون، ڇا تہ كيان هن قوم جون ڳالهيون،

پُٽَ پڙهايم توكي تان تون، پيريءَ كو سهارو ڏين مون ،
بابا پورهيو كيئن كيان مان،دوست سمورا مونتي كلندا،
امان جون اڄ وكڙي واليون، ڇا تہ كيان هن قوم جون ڳالهيون،

ٻاهر ڏاڍا ٺهك ملن ٿا، گهر ۾ بُک جا ڇهك ملن ٿا،
پوڙهو پيءُ پيو ٻوريون ڍوهي بُک ۾ ننڍڙي پيڻ ٻہ روئي،
ٻارن جون هِنِ اكڙيون آليون، ڇا تہ كيان هن قوم جون ڳالهيون،

*







# نثري نظم

## ٻار ٻار محبت

چا تو نہ ڏٺو آهي....؟
ٻار ماءُ جي ڇاتي مان کير پِئي ٿو
ڪاٻي پُستان مان کير ختم ٿيندي ئي،
ماءُ ٻار جو وات،
زوري ڪيرائي ٿي تہ،
ٻار روئي ٿو،
پر جلدي ئي هوءَ ٻارڙي جو وات،
ساڄي پُستان ۾ وجهرائي ٿي،
۽ ٻار،
وري سڪون سان چُوسڻ لڳي ٿو
تون اجا بہ پُڇين ٿي ،
تہ آئون زندگيءَ ۾ ٻار ٻار محبت ڇو ٿو ڪيا،
*



ڪينرو ڪيسين وڃايان - مشتاق سعيد

## موهن جي دڙي جو ڦيٿو

دنيا اُن ڦيٿي ڪي ڏسي،
گاڏيون،موٽرون ۽ خلائي گاڏيون ٺاهيون،
پر موهن جي دڙي مان لڌل ،
ڦيٿي واري ڊِگا گاڏي،
اڄ بہ سنڌ جي ڊوڙوارن رستن تي،
چيڪاٽ ڪري هلي رهي آهي،
۽ ان ۾ سوار،
گوڏ ٻَڌل ۽ ڊوڙ ۾ پريل،
پيوت ماڻهو
بي مقصد ڀٽڪي رهيو آهي.....
*

## زندگيءَ جي معنيٰ[1]

زندگيءَ جي ڪا معنيٰ نہ آهي،....!
زندگيءَ کي معنيٰ ڏيڻي پوندي آهي،
زندگي ڪو جام ڪونهي،
جو ڏوڪي چڙجي ۽ هضم ٿي وڃي،
زندگيءَ ڪو ڏيئو ناهي،
جو ٻاري ڇڏجي ۽ وسامي وڃي،
ڇا تو ڪونجن جا ولر ڏٺا آهن؟
ڇا تو ڪويلن کي نم جي وڻ تي ويٺي،
اسُر جو ٻوليندي ٻُڌو آهي؟
ڇا تو آڙين کي ڍنڍ تي ترندي ڏٺو آهي،
اهي سڀ پکي،
زندگيءَ کي ڇا ٿا سمجهن ؟؟
انهن پکين کي تہ،
زندگيءَ جي وصف جي بہ خبر ناهي،
هو زندگيءَ تي ڪي بہ بحث نہ ٿا ڪن،
پر هو،
زندگيءَ کي هڪ معنيٰ ڏين ٿا،
۽ شاعر کي مجبور ڪن ٿا تہ اُنهن تي لکي،
زندگيءَ هڪ اهڙو لفظ آهي،
جنهن جي ڪا معنيٰ نہ آهي،
زندگي پنهنجي معنيٰ جي تلاش ۾،
توهان ۾ سمائي آهي،
۽ توهان زندگيءَ کي معنيٰ ڏيو...!





## اٽي جو سير

هوءَ هرٽيءَ جهڙي ٿهنڊڙ
۽ ڪونج جهڙي حَسين نوجوان ناري،
جنهن جي پَرٽي کي اڃا پندرهن ڏينهن مس ٿيا آهن،
فليٽ ۾ پلنگ تي،
هڪ وڏي پيٽ واري سيٺ سان،
ننگي سُتل آهي....!
۽ سندس مڙس،
جنهن جي هٿن تي اُڪريل تقدير جو ريکائون
پورهئي سبب گَسي گم ٿي ويون آهن،
فليٽ هيٺان،
ڏاڪڻين وٽ ڪنڌ لمايو ويٺو آهي،
۽ انتظار ڪري رهيو آهي،
تہ هوءَ ڪيڏي مهل ٿي فليٽ تان هيٺ اچي،
تہ سيٺ کان مليل ڏوڪڙن مان ،
اٽي جو سير،
۽ ٻتيءَ جو تيل وٺي گهر وڃون...!
*

## نئين دنيا

مان اهڙي ديس ۾ رهان ٿو
جتي جيون تي جواني تہ اچي ٿي،
پر جوانيءَ جي احساس کي محسوس ڪرڻ منع آهي،
جتي حُسن تہ نکري ٿو
جيئن اُڀ تي اڏامندڙ ڪونجون رقص ڪن ٿيون،
پر حُسن کي عيان ڪرڻ،
۽ حُسن جي ساراهہ ڪرڻ منع آهي،
جتي حُسن کي چادرن ۾ ويڙهي خارش جو مريض،
بنايو وڃي ٿو...!
ها مان اهڙي ديس ۾ رهان ٿو
جتي انسانن جون آڱريون نشتر آهن،
۽ خوبصورتي کي ڏسندڙ اکيون ڪڍي اُڇلايون وڃن
ٿيون،
ڦاهيءَ جي سزا مليل،
ڪوليءَ ۾ بند قيديءَ جي ڪَڙي سوچ جيان،
سوچيان ٿو
۽ انتظار ڪريان ٿو تہ،
ڪڏهن هيءَ دنيا پڄي پُري پورتي پوي،
۽ هڪ نئين دنيا جُڙي پوي،
يا مونکي هن سڙيل دنيا مان ڪڍي،
ڪنهن ٻي دنيا ۾ موڪليو وڃي،
جتي سونهن جواني ۽ سوچن تي ڪا پابندي نہ هجي،





## شاعره

تون جو هيڏي وڏي شاعره
۽ فلسفي بہ آن،
تنهنجي لکڻين، اڻ کُٽندڙ ڳالهين،
مان لڳي ائين ٿو
تون ٿر جي مور جو روپ آهين،
تو چنڊ کان سفيدي وٺي،
چنڊ چهري تي آ سجايو،
تو مور جي پرڙن مان رنگ وٺي،
لباس ۾ آ چٽيو
تون انقلابن جي علمبردار ۽،
طلبقاتي پنجوڙن کان آزاد ٿي لڳين،
تون پنهنجي لکڻين مان ڪو آڪاس ٿي لڳين،
تون سسئي جو سڏ ،
۽ مخدوم بلاول جو هڏ ٿي لڳين،
ها مگر،
جڏهن بہ مون ذاتي طور تي،
تنهنجي اندر ۾ جهانڪي ڏٺو آ ،

تہ تون ڪيڏي نہ ننڍڙي ٿي لڳين،
تنهنجي ذهينت ۽ سوچ جي سطح،
ڪنهن اڻ پڙهيل جاهل کان وڌ نہ آهي،
تون ذهني آزاديءَ جي خيال آڏو،
جيتامڙي ٿي لڳين،
ايئن ڇو آ....؟؟
ڇا تو واقعي بہ صدين جي غلاميءَ جو طوق،
اڃا نہ لاٿو آ...؟؟
يا ڄثاٽي ذهينت جي بوجهہ هيٺ آهين،
يا انا ۾ گم آهين،
اُها انا،
جنهن توکي ڪائي اندران کوکلو ڪري ڇڏيو آ.
ٿورڙو جانچي تہ ڏس،
مان شايد تنهنجي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ ناهيان،
ها مگر،
جو ڪجهہ منهنجي اندر آ،
سوتو وٽ نہ آهي،
مون ڪائنات کي ڏنل ڳنڍ کولڻ جي ڪوشش ڪئي آ،
ٿي سگهي ٿو هي ڳنڍ مونکان نہ کُلي،
ها مگر،
هي ڳنڍ مون ڪئي ايتري ڍِلي آ،
جو ايندڙ نسل ،
ان کي آسانيءَ سان کولي سگهن ٿا...!
*





## عبادت

هڪ لنبي عرصي کان،
نہ ڄاڻ ڪيتري ڊگهي عرصي تائين،
روحن جي دنيا ۾ رهي،
تنهنجي عبادت ڪئيسين،
وري بہ روحن جي دنيا ۾ ويجي،
تنهنجي عبادت ڪندا رهنداسين،
نہ ڄاڻ ڪيتري وقت تائين،
شايد زمان ۽ مڪان کان آزاد ٿي،
پاڻ کي تنهنجي ئي لاءِ اربي ڇڏينداسين،
ان وچ ۾،
هن دنيا ۾ ٿورڙوئي وقت مليو آ،
ان ٿورڙي وقت ۾،
اسانکي پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جي اجازت ڏي،
ڪجهہ گناهہ ڪرڻ جي اجازت ڏي،
ڪجهہ فراخ دلءَ جو مظاهرو ڪر...!
*

## سچ جون رسيون

اولھ سچ جون رَسيون ڇڪي رهيو آهي،
۽ سچ ڏيمي ڏيمي رفتار سان،
اولھ ڏانهن ڏڪجي رهيو آهي،
اوير رات جو رسيون ڇڪي پيو
۽ رات وک وک سان ويجهي اچي رهي آهي،
انهن پنهي رَسين ۾
انسان ڦاسي پيو آهي،
سوچي ٿو،
رات بهتر آهي يا ڏينهن ....؟
هڪ ۾ اٿاهه روشنيءَ جو سمنڊ آهي،
۽ ٻي ۾ ٽم ٽم ڪندڙ تارا ۽ چنڊ...!
*



كينرو كيسين وچايان - مشتاق سعيد

## شاعر جون اکيون

ميرن لٽن سان،
مٽيءَ ۾ پيريل ٻار،
پَٽَ تان لڏل ٻه اکيون ٿيلهي ۾ وجهي کڻي آيو
۽ ٻار بازار ۾ هوڪا ڏيڻ لڳو
آهي ڪو اکين جو خريدار؟؟
آهي ڪو جو هي اکيون خريدي ۽ مونکي،
ماني ڳپي جا پئسا ڏي؟
ڪنهن ٻه هُن ٻار ڏانهن ڏيان نه ڏنو
مان لنگهي ويس،
نينگر کي پنج روپيه هٿ ۾ ڏئي،
چيم مونکي اکيون نه گهرجن،
چو ته مون وٽ اکيون آهن،
مونکي صرف اهو ٻڌائي ته اهي اکيون ڪنهنجون آهن،
۽ تو ڪٿان آنديون،
ٻارڙي چيو
هي اکيون رودڪيءَ جون آهن،
اهو ايراني شاعر رودڪي،
جنهن جون اکيون ڪڍي اُڇلايون ويون هيون،
آئون اهي اکيون پَٽَ تان ڳولي کڻي آيو آهيان،
ته شايد هڪ شاعر جي اکين عيوض،
شل مانيءَ ڳپي جا پئسا ملي پون..!

## سنڌ جون نينگريون

اي سنڌ جون نينگريون،
اوهانجي اندر ۾ پيار جو پويتر آبشار آهي،
پر ٿميل آهي، گُهٽيل ۽ بند ٿيل آهي،
اوهان چاڪو ٿيون تہ اوهان تي،
عرب ڪلچر جي غلامي زبردستي مڙهي وئي آهي،
اخلاق جي نالي تي، عزت جي نالي تي،
اوهان کان پيار ڪرڻ جو حق کسيو ويو آهي،
غيرت جي نالي تي،
اوهان کي ڪاريون ڪري ڪُٺو ويو آهي،
اوهانجي حُسن مٿان ڪارو برقعو چاڙهي،
اوهانکي فطري احساسن کان محروم ڪيو ويو آهي،
اهي سڀ شيون،
ڌارئين ڪلچر جي آڙ ۾ توهان تي ٿاڦيون ويون آهن،
اي سنڌ جون نينگريون اوهانجي اندر جو مٺ،
رڪجي ڊڪجي ڪڙوزهر ٿي پيو آهي،
اوهان پيار جي پويتر آبشار کي،
ٻاڻ مان نڪرڻ جي جاءِ ڏيو
تہ جيئن اهو آبشار
ڌارين جي غلامي جا طوق ٽوڙي سگهي،
۽ اوهان ،
فطري احساس جي لُطف کان واقف ٿي سگهو





## جلاوطن

مان سنڌ کان جلاوطن ڪيو ويو آهيان،
مونکان هر اهو ناتو ڇنڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي،
جيڪو سنڌ سان جڙيل آهي،
برابر منهنجو ذهن بہ ڳسجي ويو آهي،
پر اڃ بہ ،
مونکي سنڌ جي ڏيڍن جا ٻِه ياد اچن ٿا،
منهنجي زبان تي،
انهن ٻِهن، ڏيڍن ۽ تريل پٽاٽن،
جو سواد موجود آهي،
لَسي ۽ مکڻ جو ذائقو آهي،
ڇا ڪوئي ڇاڻي تو تہ ،
جلاوطني زبان کان سواد،
بہ کَسي سگهندي آهي ڇا...؟
*

## دفن ٿيل جذبا

اي پونيئرو ڪوٽي تہ ڏسو
ڏوڙ چڙهيل قبرن ۾ ڪنهنجا ڪنهنجا لاش پيل آهن،
هي اوهانجون پِيڙهيون آهن،
جي اوهان لئہ سِيڙهيون آهن،
هتي احساس ۽ امنگون مدفون آهن،
اهي احساس، اهي امنگون،
جي اڄ بہ اوهانجي اندرَ ۾ جرڪن ٿيون،
اي پونئيرو
هتي صرف دعا گُهري واپس نہ وڃو
دفن ٿيل جذبن مان چٽنگ وٺي وڃو
تہ جيئن اوهانجي اندر جي شمع،
بہ روشن ٿي سگهي،
۽ اوهان ازلي نور بخشي سگهي...!

*





## گلن جون قبرون

هي منهنجو ديس آهي،
ها هي منهنجوئي ديس آهي،
جو صدين جي طويل غلاميءَ ۾ رهڻ ڪانپوءِ،
رڪ سان راڳيل اُجاڙڪندڙ لڳي ٿو،
هتي ڪِٿ ڪاڏل ريل جا پَٽا آهن،
وساٽل چُلهيون آهن،
۽ خيمن جون ٽُٽل رسيون آهن،
انهن گلن جون وڪريل پَتيون آهن،
جن تي رائيفلن سان گوليون هلايون ويون هيون،
ها هتي صرف ماڻهن تي نہ پر،
گلن تي بہ گوليون هلايون وڃن ٿيون،
هو سامهون قبرستان ۾،
اڻ ڳڻين گلن جون قبرون موجود آهن،

*

## مون ۾ آهين تون....!

تون هڪ اهڙي منزل آهين،
جنهن کي حاصل نہ ٿو ڪري سگهجي،
صرف اميد رکي سگهجي ٿي....!
ڇو تہ،
تنهنجو ڪو مادي وجود ناهي،
توکي ڇُهي نہ ٿو سگهجي،
صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو
تون ڏيئو ناهين،پر سُهائي آهين،
تون چنڊ ناهين،پر چانڊاڻ آهين،
تون لب ناهين،پر هڪ سُرِ آهين،
اهڙو سُرِ،
جيڪو ماتارن کي مڌر بنائي ٿو
اهڙو سُرِ،
جنهن کان ڪوئلون ۽ سمنڊ جو لهرون ساز وٺن ٿيون،
تون هن ڪائنات جو جوهر آهين،
تون مون ۾ سمايل آهين،
پر آئون توکي پَسي نہ ٿو سگهان،
مون تنهنجي واڪاڻ ۾ ڪيئي پَنا لکي ڇڏيا،
پر توکي پَسي نہ سگهيو آهيان،
مان مَري ويندس پر تون هوندين،
منهنجي اندر جو نچوڙ
ڪنهن ٻئي جي وجود ۾ اوتيندين،
۽ جي گيت مونکان رهجي ويندا،
ڪنهن ٻئي کان لکرائيندين.....!

*





## ڇپٽا

هي مايون اسر جو اُٿي،
مال جا ڇيڻا ميڙين ٿيون،
ڇيڻن سان تغاريون ڀري،
ڪٽي اچن ٿيون،
۽ ڪچين ڀِتين تي ٿڦي ڇڏين ٿيون،
انهن لاءِ،
اهي ڇيڻا ڪُل ڪائنات آهن،
ڇو تہ انهن ڇيڻن کي چُلهہ ۾ ٻاري،
مائرون پنهنجي ٻچڙن لاءِ،
خيرات ۾ ورتل اٽي مان،
رُڪي ماني پچائن ٿيون،
۽ مان،
جو انهن ڇيڻن جي بدبوءَ کان بہ پري ڀڄان ٿو،
پر پوءِ بہ الائي ڇو،
منهنجي گيتن مان انهن ڇيڻن جي ئي بوءِ اچي ٿي......!

*

## پيار

تون پيار کي پنهنجي ملڪيت بنائڻ لاءِ
چوين ٿي تہ ،
پيار فقط ڪنهن هڪ انسان سان ٿيندو آهي،
اهو تون ان ڪري چوين ٿي جو
تون پيار تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿي،
تون پيار کي غلام ڪرڻ چاهين ٿي،
تون پنهنجي لالچ ۽ بي ايماني کي،
پيار جو نانءُ ڏئي ڦٻائڻ چاهين ٿي،
پر پيار تہ ،
هڪ ڪائناتي جذبو آهي،
پيار تہ هڪ ئي وقت،
ڪائنات جي هرهڪ شيءِ سان ٿي سگهندو آهي،
ڇا تون سمجهين ٿي تہ ،
سج ڪنهن هڪ لاءِ اُڀرندو آهي؟؟
چنڊ ڪنهن هڪ لاءِ چمڪندو آهي؟؟
ندي ڪنهن هڪ لاءِ وهندي آهي؟؟
۽ خوشبوءَ ڪنهن هڪ لاءِ پکڙبي آهي؟؟
۽ خدا،
ڪنهن هڪ لاءِ هوندو آهي...؟؟

*



ڪينرو ڪيسين وڇايان - مشتاق سعيد

## قبرستان

اي مسافر،
هن قوم کي ڌيان سان ڏِسِ،
هن قوم ڪارين جو قبرستان ٺاهيو آهي،
جتي اهي عورتون دفن ٿيل آهن،
جن محبت ڪرڻ جو ڏوهہ ڪيو هو
جن خواب اُٽيا ها،
جن پيار ونڊيو ۽ زندگيءَ کي ڇُهي ڏٺو هو
ڪين ان ڏوهہ جي ڪري،
ڪهاڙين سان ڳپا ڳپا ڪري،
بنا غُسل ۽ بنا ڪنهن ڪفن جي دفن ڪيو ويو
سندن قبرن تي،
ڪو بہ دعا گهرڻ ۽ اگر بتيون ٻارڻ
نہ ايندو آهي...!
هڪ ڏينهن هيءَ قوم،
شاعرن جو قبرستان بہ ٺاهيندي،
جتي انهن کي دفنايو ويندو
جيڪي گيت اُٽين ٿا،
احساس کي ڇُهي ڏسن ٿا،
۽ پوءِ،
انهن تي ڪو بہ،
دعا گهرڻ ۽ اگر بتيون ٻارڻ نہ ايندو

## سچ جو بدلو

تون چوين ٿي تہ جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي،
تون چوين ٿي،
سچي ماڻهوءَ کي بدلي ۾ سچائي ملندي آهي،
بُري ماڻهوءَ کي بدلي ۾ برائي ملندي آهي،
تون چوين ٿي تہ،
تو ڪنهنسان سچو پيار ڪيو هجي ها،
تہ بدلي ۾ توکي بہ سچو پيار ملي ها،
پر آئون چوان ٿو تہ،
تون غلط آهين،
جيڪڏهن ائين هجي ها تہ ،
سچائي جي بدلي ،
مسيح کي صليب تي لٽڪايو نہ وڃي ها،
آخري پيغمبر کي طائف ۾ پٿر نہ هنيا وڃن ها،
۽ مخدوم بلاول کي ،
گهاڻي ۾ نہ پيڙايو وڃي ها،
*





## شهرِ خموشان

تو شهرِ خموشان مڪليءَ کي،
ڪيئن گهميو ۽ ڪيئن ڏٺو...!
تو ترخانن جون،ارغونن جون،
اجڙيل اجڙيل قبرون تہ ڏٺيون ،
تون سَمن جي دور جا ڪيئي ڪتبا تہ ڏٺا،
تو دولهہ درياءَ خان جي ابدي ننڊ واري،
آرامگاهہ تہ ڏٺي،
تو سُرمئي شامن ۾ ڪيئي ڪجليون،
اڪڙيون تہ ڏٺيون،
پر افسوس،
جو تو مڪليءَ مٿان لهرائيندڙ،
آخوندصالح جي ڪپيل زبان نہ ڏٺي،
۽ ان مان رت جا ڦڙا،
اڄ بہ ماڪ جيان ٽِمي رهيا آهن،
جن مان قلم پوڙي ،
هڪ نئين تاريخ لکڻ وارو يار،
اجا شايد جائوئي نہ آهي،
*

## ٽُٽل خواب

ٻہ ڏماڪي جا ڇڇريل ماڻهو
اسپتال جي وارڊ ۾ ڪِنجهي رهيا هئا،
ڊاڪٽرن ڪِنِ جون هڏيون جوڙيون،
ڪِنِ جو چمر ٽاڪا هڻي جوڙيو
ڪِنِ جون ڪپيل ٻانهون جوڙيون،
ڪِنِ جو ڇڇريل نڪ جوڙيو
پر سامهون،
پوڙهو پنهنجي نوجوان ڌيءَ جو لاش،
ڪلهي تي کڻي بيٺل هو،
نينگريءَ جي لاش کي ڪاليج جي ڊريس پاتل هئي،
پوڙهو ٻاڪاري چئي رهيو هو
منهنجي ڌيءِ جو ٽڪرا ٿيل خواب جوڙي ڏيو
ڊاڪٽر خاموش تڪي رهيو هو،
پر شاگرديا ٽيءَ جو،
ٽُٽل خواب نہ ٿي جوڙي سگهيو...!

*


www.sindhsalamat.com



## نظر نہ ايندڙ قيد

ڇا توکي خبر آهي؟؟
توکي برقعا ڇو پارايا ويا آهن؟
توکي ڪنهن ڀاڄيءَ جيان،
ويڙهي ڇو رکيو ويو آهي؟
توکي اخلاق ، حياءِ عزت جي نالي تي،
قيد ڇو ڪيو ويو آهي؟
ان ڪري جو،
هو تنهنجي حُسن کي ملڪيت بنائڻ چاهين ٿا،
هو لالچي ۽ بي ايمان آهن،
توکي وِندر ۽ حوس جو سامان سمجهن ٿا،
انهن توکي،
ڪپڙا ڌوئڻ ۽ ماني پچائڻ جي مشين بنايو آهي،
سندن حوس اُجهائڻ ۽ ٻار ڄڻڻ جي مشين...!
انهن جي حالت ان معذور ٻار جهڙي آهي،
جنهن وٽ خوبصورت رانديڪو تہ آهي،
پر هو ان سان کيڏي نہ ٿو سگهي،
۽ نہ ئي وري ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ چاهي ٿو،

*


www.sindhsalamat.com

## ياداشت

آئون اڪثر سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيندو آهيان
مونکان تاريخ وسري ويندي آهي،
حالتون ۽ لقاءُ وسري ويندا آهن،
ڪڏهن ڪڏهن ،
مونکان رستا ۽ گهٽيون بہ وسِري وينديون آهن،
ڇا ڪاڻ تہ،
آئون ڏسي سگهندو آهيان،
هر شيءِ کي سندس اصل روپ ۾،
جانچي ڏسي سگهندو آهيان،
ان ڪري مونکي ياد رکڻ جي ضرورت نہ آهي،
پر تون چوين ٿي،
توکي هر شيءِ چٽي ياد آهي،
اهوان ڪري جو
تون ڏسي نہ سگهندي آهين،
ڇا توکي معلوم آهي...؟
تہ جيڪي ڏسي نہ سگهندا آهن،
انهن جو حافظو ۽ ياداشت،
تمام تيز هوندي آهي..

*



ڪينرو ڪيسين وڃايان - مشتاق سعيد

## گل

آئون حيران هوس،
تہ باغ جا گل ٽڙيا ئي رهيا،
راتيون ڏينهن لنگهي ويا،
پر گل مُرجهايا ئي نہ ٿي...!
پوءِ خبر پئي ،
تہ تون اُتان لنگهي هئينءَ...!

*

# وايون





آيوڙي آيو
جَرَ تي جُهوتوناوَ کي،

ونجهه ويڙهون لهر سان،
سڙهه کي واءُ ٽڪايو
جَرَ تي جُهوتوناوَ کي،

ڳپَ تي ڪنهن ڪامٽيءَ،
اوڏو هٿ وڌايو
جَرَ تي جُهوتوناوَ کي،

ٻگهه اُڏاڻا بند تان،
مانگر مُنهن لڪايو،
جَرَ تي جُهوتوناوَ کي،
*

چنڊ ڇڏيو تون ڇو پلا...؟
ننڊ منهنجي پيو لُٽين،

ڪونہ جُهوٽو ٿو اچئي،
ڇيڻ چمڪين چاڳلا،
ننڊ منهنجي پيو لُٽين،

جاڳ منهنجي ٿي وڻئي؟
يا مسافر قافلا،
ننڊ منهنجي پيو لُٽين،

گهاٽ تي ڇٽڪاٽ آ،
ڪا پَري پئي ٿي دِلا،
ننڊ منهنجي پيو لُٽين،
*





ايڏي ڏِنگي رات،
روز هٽي ٿي راتاها،

من ۾ ڪائي ميک هٽي ٿي،
رنگبرنگي رات،
روز هٽي ٿي راتاها،

ٿهڪائي ٿي دل جو درياھ،
هاءِ اڍنگي رات،
روز هٽي ٿي راتاها،

سج لهي ويو ساموئيءَ تي،
ڪيئن تہ لنگِهي رات،
روز هٽي ٿي راتاها،
*

مارئيءَ اڄ مونکي،
ڪيو قيد ڪوٽ ۾...!

اڳ هئي عمر وٽ،
اڄ عمر انهيءَ اوٽ ۾،
ڪيو قيد ڪوٽ ۾...!

تاريخ ڏس بدلي آ،
هن چاهت سندي چوٽ ۾،
ڪيو قيد ڪوٽ ۾...!

گهوٽ وِجهي گُهور ڏنو،
اڄ گُهورون آهن گهوٽ ۾،
ڪيو قيد ڪوٽ ۾...!

*





ڇڏي هوُ ته ويم، روڳي روح ٿيم،
اديون ڙِي اڃا پئي جيئان،

جيئن ساز ڇِڙيا تيئن راڳ رَتو،
ڪيئن چير چنم پتوڪو نه پيم،
اديون ڙِي اڃا پئي جيئان

جيئن رات ٺري مڌ ماتي ڪُلي،
تيئن پياس لڳم ڪين سُرڪ سَريم،
اديون ڙِي اڃا پئي جيئان

هيڏا پنڌ ڪري ڦَٿي وِڌم،
پنهون پاڻ اندر هئه ڙي ڪونه ڏٺم،
اديون ڙِي اڃا پئي جيئان

جي نينهن هُيئي پوءِ "سعيد" پلا،
اڃا ڪيئن جيئين ٿيئين چو نه پَسم،
اديون ڙِي اڃا پئي جيئان

*

توتي بسنت رُتِ آ،
آئي آئي نينگري،

چاتيءَ گونج ڦُلاريا،
ڪيڏي ماس اٽت آ،
آئي آئي نينگري،

من اجھاڳ سمنڊ ٿئي،
جنھن جو ڪين ڪوانت آ،
آئي آئي نينگري،

جوڀن ڪُوري پڙڪندِي،
ڪيڏي من تپت آ،
آئي آئي نينگري،

*





وھندو جيئن درياھ،
رستو ناھي پاڻ،

ائين منھنجي اندر ۾،
آھي آب اٿاھ،
رستو ناھي پاڻ،

ڏيئا منھنجي ذات جا،
ازلي آ ويساھ،
رستو ناھي پاڻ،

ٻاھر گونج ڦُلاريا،
پونرن ڪئي آ ڪاھ،
رستو ناھي پاڻ،

اتر هِير اُچاتري،
سانوڻ منھنجي ساھ،
رستو ناھي پاڻ،

*

سنڌ سلامت

سنڌڙي تنهنجي سار سڳنڌ،
تون ئي منهنجي آهين جند،
سنڌڙي تنهنجي سار سڳنڌ،

چانڊنيءَ جهڙو اُجرو پاڻي،
سنڌو درياهه تار سڳنڌ،
سنڌڙي تنهنجي سار سڳنڌ

تنهنجي مٽي مُشڪ لڳي ٿي،
جيون تنهن تان وار سڳنڌ،
سنڌڙي تنهنجي سار سڳنڌ،

جيجل جيڪا ٿڃ پياري،
رچجي وئي من پار سڳنڌ،
سنڌڙي تنهنجي سار سڳنڌ،

سِرِ امانت ماتا تنهنجو،
جيجل تون ئي جيار سڳنڌ،
سنڌڙي تنهنجي سار سڳنڌ،

*





سنڌ سلامت

# ٻيٽ

سِرِٽين ڪان سِراءِ، جَهپجي ويندين جهٽ ۾،
تتر ٻوليون ٻولڙي، جوءَ نہ جاڳائي،
آڪيرو اُت ٺاهي، جَهپَ نہ جتي باز جي،
***

دوڪي جي ديوار ۾، جنهن ٻہ وڏي آ رُوڻ،
سينو تنهن سپوت جو، گولين ساڻ پَروڻ،
ڏرتيءَ ڪئي آ ڏُوڻَ، جاڳ نہ آئي جهانگيئڙن،
***

واپس ڪيئن ورن، اجا تني آسرو
آزاديءَ جي پيچڙي، اوچي ڳاٽ اچن،
نديون رت وَهن، تہ سنڌ سَجي ڪنوار جيئن،
***

پچ اول تون پاڻ، اندر ڪُوري ٻار،
پوءِ پچائي گهاگهرا، ايءِ ڪنڀارن ڪارِ،
ڪچا جي ڪنڀار، پڪو نہ گهڙو تن جو،
***

سهڻي جي تون سِير ۾ وٺين منهنجو نانءُ،
لهر لتاڙي هاڻ ئي اچان توڏي آنءَ،
اتاولو هي هانءُ، دم دم درياهہ پارڙي،
***


www.sindhsalamat.com



اهڙي نہ آهي ميان، منهنجي سگهہ سَريرَ،
چوليون چُلن من اندر، تن ڪي ڪيئن تڙيان؟
ڪيسين ماٺ ڪريان؟ اندر اُڏما آتا ڙي،
***

منهنجي مُورت تون تون ئي منهنجي زيب،
مون ۾ ڪيئي عيب، اُجاريندينءَ تون اچي،
***

مايون جيئن سَڳيءَ سان، ويڙهي رکن وار،
ايئنءَ تنهنجي سارَ، سَلهاڙي آ ساهہ سا،
***

هر ڪنهن هڪ زبان، ٻہ ٻہ جاڙا ڳَنَ،
ٻولڻ ٻوليون ٽورڙيون، ٻڏڻ لا ٻهڪن،
ٻُڏي جي نہ ڪُڇن، سي نہ منهنجي سَڱ ۾،
***

ڪِرِٽا ڪِرِٽا چند، وِٺيون وِٺيون چِٽِ،
ٺاريلي ٺي ٻهڪي، ڳاڙهي جهڙي رَت،
ڪونهي ڪائي ڪَٺِ، ڪونهي ماپو سونهن جو،
*


www.sindhsalamat.com